جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC Certified

Daily AWAMI SOACH Karachi

# روزاني عوامي سوچ ڪراچي

چيف ايڊيٽر
حاجي محمد حنيف ميمڻ

(جلد 15) سومر 06 آڪٽوبر 2025 ع بمطابق 12 ربيع الثاني 1447ھ (شمارو 356) قيمت 20 روپيا


# آگر ٽوڙڻ واري بيان کان نٿا ڊڄون، پنجاب حڪومت جو اصل ٽارگيٽ وزيراعظم آهي: شرجيل ميمڻ

پيپلز پارٽي کي ڪوچوي ته اسان اوهان جي آگر پچي ڇڏينداسين ته ڇا اسان ڊڄي وينداسين، اسان ڪنهن کان به ڊڄڻ وارا نه آهيون. پنجاب حڪومت جو اصل ٽارگيٽ وزيراعظم آهي، اها سازش ڪامياب نه ٿيندي

ڪجھ ڏينهن کان پنجاب حڪومت طرفان پيپلز پارٽي جي خلاف مهم هلائي پئي وڃي. پنجاب حڪومت طرفان مسلسل تنقيد جو مقصد سمجھ کان ٻاهر آهي: سينيئر صوبائي وزير

وزيراعليٰ جو اسڪرپٽ رائٽر ڪيس غلط رستي وٺي وڃي رهيو آهي. اسڪرپٽ رائٽر وزيراعليٰ کي چيو آهي ته هاڻ پنجاب ڪارڊ کيڏو، ڪارڪردگي تي تنقيد ڪريو، اختلاف ٿي سگهن ٿا پر نفرت نه پکيڙيو

اسان وفاقي حڪومت جو حصو نه آهيون، پر مسئلن تي حڪومت جي مدد ڪندا آهيون. اسان ته اوهان سان نه پيا ڳالهايون، وفاق سان ڳالهائي رهيا آهيون

پنجاب حڪومت جو اصل ٽارگيٽ وزيراعظم آهي، اسان جي آڙ ۾ وزيراعظم کي نشانو بڻايو پيو وڃي، پنجاب حڪومت جي وفاقي حڪومت خلاف ٿيل سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين

پيپلز پارٽي کي ڪير چوي ته اسان اوهان جي آگر پچي ڇڏينداسين، اوهان کي لڳي ٿو ته اسان ڊڄي وينداسين؟ ڇا ڪوڙا ۽ ڦاهيون ڪائيندڙ اوهان جي ڌمڪين کان ڊڄي ويندا؟ :پريس ڪانفرنس دوران ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته پيپلز پارٽي کي ڪو چوي ته اسان اوهان جي آگر پچي ڇڏينداسين ته ڇا اسان ڊڄي وينداسين. اسان ڪنهن کان به ڊڄڻ وارا نه آهيون. پنجاب حڪومت جو اصل ٽارگيٽ وزيراعظم آهي. اها سازش ڪامياب نه ٿيندي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل ميمڻ چيو ته ڪجھ ڏينهن کان پنجاب حڪومت طرفان پيپلز پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سوشل ميڊيا جو صحيح استعمال ڪري

لکين رپيا ڪمائي سگهجن ٿا، بلوشي

ويلاگر شاهد شهباز

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان جي نوجوانن لاءِ سوشل ميڊيا هڪ سونهري موقعو بڻجي چڪو آهي، جتي هو پنهنجي محنت ۽ تخليقي صلاحيتن ذريعي مالي خودمختياري حاصل ڪري سگهن ٿا. مشهور ڊجيٽل ميڊيا اسٽار ۽ پرينڪس وڊيوز جا ماهر، بلوشي ويلاگ جي نالي سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

# حڪومت جي ترجيح آهي ته ملڪ ۾ تعليمي نظام کي موثر ۽ جديد گهرجن سان هم آهنگ بڻايو وڃي: شهباز شريف

نئين نسل جي تعليم ۽ تربيت ۾ استادن، والدين ۽ معاشري جو مجموعي مثبت ۽ تعميري ڪردار ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خوشحالي ۽ بهترين مستقبل جو ضامن هوندو آهي

استادن جي عالمي ڏينهن تي پاڪستان دنيا سان هم آواز ٿي سڄي دنيا جي استادن کي خراج عقيدت ۽ سندن ساراهه جوڳين خدمتن تي خراج تحسين پيش ڪيون ٿا

عالمي سطح تي استادن لاءِ هڪ ڏينهن مخصوص ڪرڻ نه رڳو پاڪستان پر سڄي دنيا جي استادن جي خدمتن جي اعتراف جو موقعو فراهم ڪري ٿو

استادن جو عالمي ڏينهن تعليم ڪي هڪ گڏيل تعاون ۽ گڏيل پيشي طور اجاگر ڪرڻ جي عنوان سان ملهايو پيو وڃي جنهن جو مقصد سڄي دنيا جي سمورن استادن، تعليمي ادارن ۽ تعليمي نظام ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ آهي

بهترين ۽ جديد تدريسي نظام ئي ملڪ ۽ قوم جي انفرادي ۽ اجتماعي سگهه ۾ واڌ ڪرڻ سان گڏوگڏ حڪومتي نظام، پاليسيز ۾ بهتري جو سبب بڻجي سگهي ٿو

فني صلاحيتن جو دارو مدار انهن جي ذهني واڌ ويجھ، عقل ۽ شعور جي معيار تي هوندو آهي جنهن کي نکارڻ ۾ استادن جي محنت فيصلاڪن حيثيت رکي ٿي

اسلام آباد (رپورٽ: عرفان مختيار) وزيراعظم محمد شهباز شريف قومن جي تعمير ۾ استادن جي ڪردار کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته حڪومت جي ترجيح آهي ته ملڪ ۾ تعليمي نظام کي موثر ۽ جديد گهرجن سان هم آهنگ بڻايو وڃي ته جيئن اسان جي نئين نسل دنيا جي علمي ۽ فني ميدان ۾ مقابلو ڪري ملڪ جو نالو روشن ڪري سگهي. نئين نسل جي تعليم ۽ تربيت ۾ استادن، والدين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

# غزا ۾ جنگبندي جي حوالي سان 90 سيڪڙو معاملا طئي ٿي چڪا آهن: آمريڪي پرڏيهي وزير

اسرائيل ۽ حماس وچ ۾ معاهدي تي ڳالهيون جاري آهن، اميد ته معاملا جلد طئي ٿي ويندا

هٿيارن جي واپسي ۽ حماس جي ٽٽڻ جو مرحلو ڏکيو هوندو، غزا ۾ اهڙي حڪومت نٿي ناهي سگهجي جيڪا ٽن ڏينهن ۾ ٺهي وڃي

واشنگٽن (م د) آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو چيو آهي ته غزا ۾ اڃا جنگ ختم ناهي ٿي، وڌيڪ ڪم جي ضرورت آهي. پنهنجي بيان ۾ هن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف سرڪاري دوري تي ملائيشيا روانا ٿي رهيو آهي

# پاڪستان جي حماس طرفان غزه جو انتظام عبوري فلسطيني انتظاميه حوالي ڪرڻ واري آڇ جي آجيان

گڏيل بيان ۾ حماس جي يرغمالن جي آزادي ۽ عملدرآمد جي طريقيڪار تي ڳالهين جي شروعات جي فيصلي جي به تعريف ڪئي وئي: پرڏيهي وزارت

لاڳاپيل ملڪن جي پرڏيهي وزيرن خطي ۾ امن جي قيام لاءِ صدر ٽرمپ جي ڪوشش جي تعريف ڪئي

بيان ۾ چيو ويو آهي ته ڪنهن به اهڙي قدم کان پاسو ڪيو وڃي جيڪو فلسطيني شهرين جي تحفظ کي خطري ۾ وجهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان مزاحمتي تحريڪ حماس طرفان غزه جو انتظام ماهر ٽيڪنو ڪريٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

# 8 اسلامي ملڪن پاران حماس جي مثبت رد عمل جي پليڪار

فلسطينين جي نسل ڪشي روڪڻ لاءِ حماس پاران ڳالهين لاءِ آمادگي سان جنگبندي جي اميد پيدا ٿي آهي

حماس چيو هو ته هو ٽرمپ جي منصوبي جي ڪجھ شرطن تي راضي آهي ۽ ڪجھ معاملن تي هو ڳالهين لاءِ تيار آهي

غزه جي عوام کي درپيش سنگين انساني بحران کي منهن ڏئي سگهجي: پرڏيهي ڪاتو ترجمان

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان سميت دنيا جي 8 مسلمان ملڪن صدر ٽرمپ جي 20 نڪاتي غزه جنگبندي واري معاهدي تي حماس جي مثبت رد عمل جي پليڪار ڪئي آهي. پاڪستان جي پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان ۾ ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

# پارٽي فوج جي گهٽيا حرڪت، 8 ٻڪريون ماري ڇڏيون

عام طور تي ماضي ۾ جانورن جي هڪٻئي جي علائقن ۾ اچڻ تي انهن کي واپس ڪيو ويندو

پارٽي فوج جي 7 جنگي جهازن ڪيرائڻ واري معاملي بعد پارٽي فوج ۾ سخت تاءُ آهي

نگرپارڪر (رپورٽر) ٿرپارڪر جي پارٽي سرحد لڳ واقع ڳوٺ سنوراڻي جي ڏنار جو ٻڪريون غلطي سان سرحد پار ڪري پارٽي علائقي ۾ داخل ٿيون ته پارٽي فوج 8 ٻڪريون ماري ڇڏيون ۽ 54 ٻڪرين جون ٽنگون ڀڃي ڇڏيون. عام طور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لاٽيواسٽاڪ کاتي پنهنجو

سسٽم آن لائين منتقل

ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جو لائيواسٽاڪ ۽ فشريز کاتو تحرڪ ۾ اچي ويو. هيڊ آفيس کي جي جي ايس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ناروال: وفاقي وزير احسن اقبال ڳوٺ ۾ هارين ۾ مفت ڪينولا ٻج ورهائي رهيو آهي

# غزه امن معاهدو، ڳالهين جو نئون دور سومر تي مصر ۾ ٿيندو

ٽنهي ڌرين جا وفد اڄ مصر پهچندا، جتي معاهدي کي حتمي شڪل ڏني ويندي

جلد سندس 20 نڪاتي امن معاهدي کي حتمي شڪل ڏيو

قاهره (م د) آمريڪا، اسرائيل ۽ حماس ۾ سيزفائر بابت معاهدي تي وڌيڪ ڳالهيون سومر تي مصر جي شهر شرم الشيخ ۾ ٿينديون. سي اين اين جي رپورٽ موجب ٽنهي ڌرين جا وفد اڄ مصر پهچندا، جتي معاهدي کي حتمي شڪل ڏني ويندي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

صدر پاران استادن جي عالمي ڏينهن جي

موقعي تي پاڪستان سميت سڄي دنيا جي

استادن کي مبارڪون

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري استادن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

# رٽائرمينٽ بعد سرڪاري گهر ڏيو، عارف علوي جي درخواست

جسٽس محمد فيصل ڪمال عالم جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بينچ اهڙو حڪم جاري

هي ڪيس 2023 کان عدالت ۾ داخل آهي جنهن جي ٻڌڻي نه پئي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ اڳوڻي صدر عارف علوي کي رٽائرمينٽ بعد سرڪاري رهائش ڏين واري ڪيس ۾ ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي 9 آڪٽوبر تي جواب طلب ڪري ورتو آهي. جسٽس محمد فيصل ڪمال عالم جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

# هن ڀيري ڀارت انشاءالله پنهنجي جهازن جي ملبي ۾ دفن ٿيندو: خواجه آصف

ڀارتي فوجي ۽ سياسي قيادت جا بيان پنهنجي خاڪ ۾ مليل ساک کي بحال ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش آهي

اهڙي شڪست کان پوءِ جنهن جو اسڪور 0_6 رهيو هجي جيڪڏهن ٻيهر ڪوشش ڪئي ته اسڪور ڀيريان کان وڌيڪ بهتر هوندو

جهڙي طرح ڀارت ۾ عوامي راءِ تاريخ جي بدترين شڪست کان پوءِ حڪومت جي خلاف ٿئي

اسلام آباد (بيورو) دفاع واري وزير خواجه آصف ڀارت جي اعليٰ سيڪيورٽي اسٽيبلشمينٽ جي چڙ ڏياريندڙ بيانن تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته ڀارت هن ڀيري انشاءالله پنهنجي جهازن جي ملبي ۾ دفن ٿيندو. دفاع واري وزير خواجه آصف ايڪس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

# نئون منصوبو ڪيترين ئي وڏين ڪانفرنسز ۽ ميٽنگز سميت وسيع ڪنوينشن هال تي ٻڌل هئڻ گهرجي: محسن نقوي

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ سي ڊي اي هيڊ ڪوارٽر ۾ اجلاس منعقد ٿيو

اجلاس جي ۾ گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري ۽ گهرو سيڪريٽري محمد خرم آغا شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ اسلام آباد ۾ جاري ترقياتي منصوبن تي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ سي ڊي اي هيڊ ڪوارٽر ۾ اجلاس منعقد ٿيو اجلاس جي ۾ گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري ۽ گهرو سيڪريٽري محمد خرم آغا شرڪت ڪئي. اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

# بلاول پرڏيهي وزير هوندي حڪومت ۽ وزيراعظم جون ڳاڙون پٽي رهيو هو: عظميٰ بخاري

پنجاب جي ٻوڏ متاثرن تي گندي سياست جو توهان جو بيانيو ناڪام ٿي ويو

جيڪي پيءُ پٽ پاڻ ۾ ناهن نڀندا اهي اسان جي معاملن ۾ مداخلت ڪري پنهنجي ڏوهن تي پردو وجهڻ چاهين ٿا

لاهور (م د) پنجاب جي اطلاعات واري وزير عظميٰ بخاري بلاول ڀٽو زرداري جي تنقيد تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته وزيراعظم جون ڳاڙون پٽي رهيو هو شرجيل ميمڻ جي پريس ڪانفرنس تي پنجاب جي ٻوڏ متاثرن تي گندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

# پسني پورٽ بابت وائيٽ هائوس يا ڪنهن آمريڪي اداري سان گفتگو ناهي ٿي: سيڪيورٽي ذريعا

پاڪستان طرفان پسني پورٽ جي ڪا آڇ ناهي ڪئي وئي نه ئي ان نوعيت جي ڪا تجويز غور هيٺ آهي

وائيٽ هائوس يا ڪنهن آمريڪي اداري سان پسني پورٽ بابت ڪنهن به قسم جي گفتگو ناهي ٿي

اسلام آباد (بيورو) اعليٰ سيڪيورٽي ذريعن واضح ڪيو آهي ته پسني ۾ ڪنهن پرڏيهي فوجي اڏي جي ڳالهه رڳو افواهه آهي، پسني پورٽ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

# مشتاق احمد اسرائيلي فوج جي حراست ۾ پر خيريت سان آهي: پرڏيهي ڪاتو

مقامي قانوني ضابطن موجب مشتاق احمد کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو

عدالت مان ڊي پورٽيشن آرڊر جاري ٿيڻ کانپوءِ سندس واپسي تڪڙن بنيادن تي ممڪن بڻائي ويندي

اسلام آباد (بيورو) پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان طرفان جاري ڪيل بيان موجب گلوبل صمود فلوٽيلا ۾ سوار پاڪستاني شهرين جي حفاظت ۽ واپسي لاءِ عالمي ڀائيوارن سان رابطي ۾ آهيون. ترجمان چيو ته دوست يورپي ملڪ جي سفارتي اسرائيلي فوج جي حراست ۾ آهي. پرڏيهي ڪاتي چيو آهي ته اڳوڻو سينيٽر مشتاق احمد اڃا تائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ننگرپارڪر: ڀارتي فوج جي گهٽيا حرڪت گولين هٽي ماريل ٻڪريون

# مريم نواز رڳو پنجاب ۽ اسان سڄي پاڪستان جو ڪيس وڙهي رهيا آهيون: مرتضيٰ وهاب

بلاول پٽو اهڙو ماحول پيدا ڪيو، جنهن سبب حڪومت نهي، بلاول ماضي جا اختلاف وساري شهباز حڪومت ۾ پرڏيهي وزير بڻيو

جڏهن ٻوڏ آئي ته بلاول اهو نه چيو وزيراعظم اسان جي صوبي ۾ نٿو اچي، اهي پ پ سان بغض ۾ سڀ ڪجھ ڪري رهيا آهن

پنجاب حڪومت سان مناظري لاءِ تيار آهيون، اسان چاهيون ٿا ته ملڪ ۾ سياسي پارو گهٽجي، اسان رڳو سنڌ نه سڄي ملڪ جو ڪيس وڙهي رهيا آهيون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته بلاول پٽو اهڙو ماحول پيدا ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

# عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ايس ايس ڊي پي ۽ وومن ايمپاورڊ پاڪستان وچ ۾ مفاهمت نامي تي صحيون

ايس ايس ڊي پي گڏيل ڪيترن سالن کان بي سهارن، نادار ۽ ڊيل طبقي جي فلاح، تربيت ۽ روزگار جي فراهمي لاءِ سرگرم آهي

پاڪستان جي سماجي ۽ معاشي ترقي عورتن جي فعال شرڪت کانسواءِ ممڪن ناهي، عورتن کي معاشي بااختيار بڻائڻ وقت جي ضرورت آهي

ماڻهن کي بهتر زندگي ۽ برابري جا موقعا مهيا ڪرڻ آهي تنظيم سماجي ترقيءَ جي هر شعبي ۾ اڳڀري ڪردار ادا ڪري رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ عورتن جي بااختياري، بي سهارن ماڻهن جي فلاح ۽ سماجي ترقيءَ جي فروغ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

ڪراچي: جماعت اسلامي امير حافظ نعيم الرحمان احتجاجي مارچ کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ ۾ يومِ عمران خان ملهايو ويو،

ملينيئم مال تي هزارين ڪارڪن

ريلي، آزاديءَ جو مطالبو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سرپرست اعليٰ عمران خان جي 73 هين سالگرھ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

# رولو ڪتن جي ڏاڙهڻ سان شهرين ۽ ٻارن جو زخمي ٿيڻ برداشت نه جوڳو عمل آهي: مريم نواز

وزيراعليٰ صوبي ۾ 5 هزار کان وڌيڪ واٽر فلٽريشن پلانٽس جي مانيٽرنگ، سار سنڀال، مرمت يقيني بڻائڻ جو حڪم ڏنو

ڪمشنرز ۽ ڊپٽي ڪمشنرز کي اسپتالن جي اوچتن دورن ۽ پنجاب ۾ ماني جي سرڪاري قيمتن تي عمل يقيني بڻائڻ جي به هدايت ڪئي

لاهور (م د) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز شريف مختلف علائقن ۾ رولو ڪتن جي ڏاڙهڻ جي واقعن تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پاڪستان ۾ گوگل اي آءِ

پلس پروگرام پلان

متعارف

اسلام آباد (بيورو) ايس آءِ ايف سي ذريعي پاڪستان ۾ گوگل اي آءِ پلس پلان متعارف ڪرايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ڪراچي: بي اين ايس طرفان لياري ۾ منعقد فري ميڊيڪل ڪئمپ ۾ مريضن جو چيڪ اپ ڪيو پيو وڃي

# جماعت اسلامي جي غزا مارچ ۾ عوام جو سمنڊ اٿلي پيو، پاڪستان ۾ حماس جي آفيس کولڻ جو مطالبو

حماس مسلم امت جي مٿي جو ٽڪو آهي، حڪمران طبقو حماس جو نالو وٺندي پريشان ٿيڻ لڳندو آهي: حافظ نعيم الرحمان

غزا جا ماڻهو روز قربانيون ڏئي رهيا آهن، غزا جا ماڻهو مزاحمت جي علامت آهي، هيل تائين 67 هزار فلسطيني شهيد ٿي چڪا آهن

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان پاڪستان ۾ حماس جي آفيس کولڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو. ڪراچي ۾ شاهراهِ فيصل تي غزا مارچ کي خطاب ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته حماس مسلم امت جي مٿي جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

# پينشن ڪا مهرباني يا خيرات نه پر آئيني حق آهي: سپريم ڪورٽ

ڪنهن به ملازم جي پينشن ڪا مهرباني، خيرات يا رحم جو معاملو نه آهي

بلڪه اهو آئين جي آرٽيڪل 9 ۽ 14 تحت هڪ تحفظ يافته حق آهي

اسلام آباد (بيورو) سپريم ڪورٽ جي جسٽس سيد منصور علي شاه پنهنجي تازي فيصلي ۾ چيو آهي ته ڪنهن به ملازم جي پينشن ڪا مهرباني، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

# موسميات کاتي سامونڊي طوفان شڪتي جي حوالي سان نئون الرٽ جاري ڪري ڇڏيو

سائيڪلون وارننگ سينٽر ڪراچي سسٽم جي نگراني ڪري رهيو آهي: موسميات کاتو

5 آڪٽوبر کان 7 آڪٽوبر تي سمنڊ جون بلند لهرون رڪارڊ ٿي سگهن ٿيون

اسلام آباد (بيورو) موسميات کاتي عرب سمنڊ ۾ سامونڊي طوفان شڪتي جي حوالي سان نئون الرٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي. موسميات کاتي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ٻڌايو ته اتر اوڀر عرب سمنڊ تي آيل سامونڊي طوفان (شڪتي) گذريل 6 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

# مانسهره ۾ زمين جي تڪرار تان فائرنگ، 4 ڄڻا قتل، 2 زخمي، جوابدار گرفتار

صدر ٿاڻي جي حد متيال ڳوٺ ۾ زمين جي تڪرار تي فائرنگ جي نتيجي ۾ 4 ڄڻن جي قتل کان پوءِ خوف هراس پکڙجي ويو

واقعي بعد پوليس جي وڏي نفري واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال تي ڪنٽرول ڪري ورتو ۽ فائرنگ ڪندڙ هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

فائرنگ جي نتيجي ۾ زخمي ٿيلن ۾ سليمان ولد خدا بخش ۽ ثناءالله ولد محمد يونس شامل آهن جن کي ايوب ميڊيڪل ڪمپليڪس ايبٽ آباد منتقل ڪيو ويو

مانسهره (م د) خيبرپختونخواهه جي ضلعي مانسهره ۾ صدر ٿاڻي جي حد متيال ڳوٺ ۾ زمين جي تڪرار تي فائرنگ جي نتيجي ۾ 4 ڄڻن جي قتل کان پوءِ خوف هراس پکڙجي ويو. رپورٽ موجب واقعي بعد پوليس جي وڏي نفري واقعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

# ايمل ولي جي سيڪيورٽي واري معاملي تي پختونخواهه حڪومت ۽ پوليس وچ ۾ تڪرار

ايمل ولي خان جي سيڪيورٽي گهٽ ڪرڻ جو فيصلو وفاقي حڪومت ڪيو هو: ترجمان ڪي پي حڪومت

سياست ۾ اختلاف پنهنجي جڳهه پر انساني حياتين جي تحفظ تي ڪو به سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي

پشاور (م د) عوامي نيشنل پارٽي (اي اين پي) جي مرڪزي صدر ايمل ولي خان جي سيڪيورٽي واپس ٿيڻ تي خيبرپختونخواهه حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

# مزاحمتي تحريڪ حماس جي خاتمي ۽ صيهوني بالادستي جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو: ڪاشف سعيد

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته ابراهيم اڪارڊ ڪان ويندي ٽرمپ امن معاهدي تائين، مزاحمتي تحريڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

# بلوچستان جي علائقي ڪورڪي ۾ مقامي قبائلين ۽ فتنه الهندوستان وچ ۾ ويڙهه، 4 دهشتگرد مارجي ويا، 2 زخمي

فتنه الهندوستان جي دهشتگردن بلوچستان جي علائقي ڪورڪي ۾ پرامن ماڻهن تي حملو ڪيو

ڪورڪي ۾ مقامي قبائلين ۽ فتنه الهندوستان وچ ۾ ويڙهه ۾ 4 دهشتگرد مارجي ۽ 2 زخمي ٿي پيا

مقامي قبائلين جي چوڻ باوجود دهشتگردن علائقو خالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو

اسلام آباد (بيورو) بلوچستان جو بهادر عوام فتنه الهندوستان آڏو شيهي جي ديوار بڻجي ويو آهي. فتنه الهندوستان جي دهشتگردن بلوچستان جي علائقي ڪورڪي ۾ پرامن ماڻهن تي حملو ڪيو. ڪورڪي ۾ مقامي قبائلين ۽ فتنه الهندوستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

# استاد قوم جي مستقبل جا معمار آهن: احسن اقبال

قوم جي تعمير ۾ استادن جو ڪردار سڀ کان بنيادي ۽ مقدس آهي: وفاقي وزير

اڄ جو ڏينهن انهن معمارن جي نالي آهي، جيڪي قوم جي مستقبل کي وائيکو ڪن ٿا

استاد علم جو ڏيئو ٻارين ٿا ۽ دلين کي منور ڪن ٿا، استاد خاموشي سان هر نسل جي تقدير سنوارين ٿا

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته استاد اسان جي قوم جي مستقبل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: ميئر بيرسٽر مرتضيٰ وهاب سفاري پارڪ ۾ جديد ٽريمولين پارڪ جو افتتاح ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي

# وارھ ۾ دڪاندارن کان ٿيل ڦرواردات بعد پ پ ايم پي اي مير نادر خان مگسي جاءِ واردات تي پهتو

اسانکي جيئن ئي واردات جي خبر پئي اسان آيا آهيون، هي هڪ پري پلاننگ تحت ڌاڙو لڳو آهي، پوليس تي اسان جو پريشر آهي: مير نادر خان مگسي

اسانکي ڏوھ ۾ ملوث ماڻهو کپن، جن ڏوھ ڪيو آهي. اگر اهي گرفتار نه ٿيا ته شهري ٻيهر ڦريا اهو سلسلو جلد بند ٿيڻ گهرجي، جوابدار گرفتار ڪيا وڃن

پوليس عملدار اڄ آهن سڀاڻي نه هوندا انهن جي ڊيوٽي آهي، توهان جو تحفظ ڪرڻ آهي، انهن کي هر صورت ۾ تحفظ ڏيڻو آهي

وارھ (رپورٽر) وارھ ۾ دڪاندارن کان ٿيل ڦر وارداتن بعد پ پ ايم پي اي مير نادر خان مگسي جاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: سنڌ جو صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ڪي بحريه آڊيٽوريم ۾ استادن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي منعقد تقريب ۾ شيلڊ پيش ڪئي پئي وڃي

پنجاب حڪومت تازي ٻوڏ ۾ فصلن جي

نقصان جي تلافي لاءِ في ايڪڙ 20 هزار رپيا

مالي امداد جي منظوري ڏني

لاهور (م د) پنجاب حڪومت تازي ٻوڏ ۾ فصلن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

# درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جي صورتحال جا انگ اکر

سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 80 هزار 800 ڪيوسڪ

هيٺانهون وهڪرو 80 هزار 400 ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن. جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ايس ايس ڊي

پي ۽ وومن ايمپاورڊ پاڪستان وچ ۾

مفاهمت نامي تي صحيون

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ عورتن جي بااختياري، بي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: مرڪزي مسلم ليگ جو جوائنٽ سيڪريٽري خالد نيڪ جي اڳواڻي ۾ وفد ايم ڪيو ايم پاڪستان جي چيئرمين ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي سان ملاقات ڪري رهيو آهي

روزاني عوامي سوچ
Daily AWAMI SOCH KARACHI
جمهوري سوچ جي ترجمان
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهه

هيءَ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ
پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ
ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

رابطي لاءِ:
03153327758

ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وار، اڄ پڻ آڳرين جي:
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون اڱار:
ڏوڏا! ٿيءِ م ڏارَ، جمر ڪچو رڪ ڪٽيون ٿئي.



# سارين جو مناسب اگهه نه ملڻ وارو الميو

سنڌ جي زرعي معيشت حڪومتي نااهلي سبب تباهي جي ڪنڌيءَ تي آهي. هارين کي سارين جو مناسب اگهه نه ملڻ وارو مسئلو ڪا نئين ڳالهه ناهي. هر سال جڏهن پوک جو موسم ايندي آهي ته هاري ان اميدن سان پنهنجي زمين ۾ ٻج وجهندو آهي. ته هيءَ محنت ڪيس خوشحالي ڏيارينديم ٻارن جي تعليم لاءِ وسيلا پيدا ٿيندا، گهر ۾ خوراڪ ۽ زندگيءَ لاءِ سک ۽ آرام ايندو. پر جڏهن فصل لهي ٿو ته منڊيءَ ۾ واپاري ۽ وڏيرا گڏ ٿي، اگهه کي پنهنجن مفادن جي حساب سان مقرر ڪن ٿا. حڪومت جيڪا ڪاغذن ۾ خودڪفالت ۽ زراعت جي ترقيءَ جون ڳالهيون ڪندي آهي، اها عملي طور تي هارين لاءِ ڪوبه تحفظ جو نظام نه ٺاهي سگهي آهي.

هارين جي حالت ان ڪري به وڌيڪ خراب آهي جو ساريءَ جي فصل ۾ محنت، وقت ۽ خرچ ٻين فصلن جي ڀيٽ ۾ گهڻو وڌيڪ لڳندو آهي. زمين کي تيار ڪرڻ کان وٺي ٻج وجهڻ، پوک جي سنڀال ڪرڻ، پاڻي ڏيڻ، ڀاڻ، دوا ۽ آخر ۾ لڻڻ تائين هڪ ڏکيو عمل آهي، جنهن ۾ هر قدم تي خرچ آهي. پر جڏهن اها پيداوار منڊيءَ تي وڃي ٿي ته هاريءَ کي پنهنجي خرچن جي ڀيٽ ۾ به مناسب رقم نٿي ملي. هو قرضن ۾ وڌيڪ ٻڏي ٿو ڇاڪاڻ ته فصل تي خرچ ڪيل پئسا گهڻو ڪري سود تي وٺيل هوندا آهن، جيڪي واپارين ۽ پئسن وارن کان ورتل هوندا آهن. اهڙيءَ طرح هاريءَ جو جياپو خوشحاليءَ بدران دائمي قرضن ۽ بک ڏانهن هلي ٿو وڃي. سرڪار طرفان وقت بوقت سپورٽ پرائيس جي اعلان جو واعدو ڪيو ويندو آهي، پر ان تي عملدرآمد نٿو ٿئي. سپورٽ پرائيس جو مطلب اهو آهي ته حڪومت ڪنهن به زرعي پيداوار جو گهٽ ۾ گهٽ اگهه مقرر ڪري، جيئن هاريءَ کي پنهنجي محنت جو جائز معاوضو ملي سگهي. پر سنڌ ۾ هارين لاءِ ساريءَ جي فصل ۾ اهڙو ڪو نظام عملي طور تي موجود ناهي. نتيجي ۾ واپاري هارين کي مجبور ڪري گهٽ اگهه تي فصل خريد ڪن ٿا. هاريءَ لاءِ پنهنجو فصل منڊيءَ ۾ رکي ڇڏڻ يا واپس ڪٽي وڃڻ جو ڪوبه اختيار ناهي، ڇو ته ڪيس روزانه خرچن، قرضن ۽ گهرجي ضرورتن لاءِ تڪڙي رقم گهرجي. هارين جي هن بدحاليءَ جو وڏو سبب حڪومت جي بيحسي آهي. زرعي پاليسيون ڪاغذن کان اڳتي وڌي نه ٿي سگهيون. زراعت جي ترقيءَ جي دعوائن ۾ اربين رپين جا منصوبه بنديءَ جا اعلان ٿين ٿا، پر اهي رقمون ڪڏهن به اصل هارين تائين ٿيون نه پهچن. وڏيرا ۽ واپاري جيڪي حڪومتي ڍانچن سان ڳنڍيل آهن، اهي ئي سبسڊي ۽ سهولتون حاصل ڪن ٿا، جڏهن ته اصل هاري جيڪو صبح شام زمين سان جڙيل آهي، اهو خالي هٿ رهي ٿو.

سنڌ جي سماجي ڍانچي ۾ هاريءَ جي اهميت انتهائي گهٽي آهي. هو رڳو زمين پوکڻ وارو نه آهي، پر سنڌ جي ثقافت، سنڌي گيتن ۽ سنڌي وجود جي سڃاڻپ سان جڙيل آهي. هن جي محنت مان ئي شهرن جا بازار آباد آهن، شهرين جا ٿالهه ڀرجي رهيا آهن، ۽ ملڪ جي معيشت کي سهارو ملي رهيو آهي. پر افسوس جو اهو ئي هاري پنهنجي حق لاءِ آواز اٿاري ٿو ته سندس آواز ٻڌڻ لاءِ ڪير به تيار ناهي. سندس رت ۽ پسيني سان پريل فصل جي قيمت ٻين جي ڪيسي ۾ وڃي ٿي، ۽ هو پاڻ خالي ٿانون سان گهر موٽي ٿو. ساريءَ جو مناسب اگهه نه ملڻ رڳو هارين جو مسئلو ناهي، پر اها سماجي بي انصافيءَ جي علامت آهي. جڏهن سماج ۾ محنت ڪندڙ طبقي کي سندس حق نٿو ملي ته ان جو نتيجو مايوسي، بددلي ۽ غربت جي صورت ۾ نڪري ٿو. غربت وڌڻ سان گڏ سماجي ڏوهه، بيروزگاري ۽ ماڻهن ۾ بدامني وڌندي آهي. هڪ خوشحال سماج ان وقت ئي ٺهي سگهي ٿو جڏهن هر طبقي کي سندس محنت جو منصفاڻو صلو ملندو. پر سنڌ جي هارين سان ٿيندڙ هي زيادتي سماج کي وڌيڪ عدم توازن ڏانهن ڌڪي رهي آهي.

سنڌ جي تاريخ ۾ هارين جون جدوجهدون ڪنهن کان لڪل نه آهن. هارين هميشه پنهنجن حقن لاءِ آواز اٿاريو آهي، ڪڏهن وڏيرن خلاف، ڪڏهن حڪومت خلاف ۽ ڪڏهن مارڪيٽ جي استحصالي نظام خلاف. پر انهن جدوجهدن کي هميشه طاقت، ڌمڪين ۽ سياسي رياڪاريءَ سان دٻايو ويو آهي. موجوده صورتحال ۾ به جيڪڏهن هارين کي مناسب اگهه نه ڏنو ويو ته ممڪن آهي ته هو ٻيهر وڏي احتجاجي لهر جو حصو بڻجن. اهڙي احتجاجي تحريڪ رڳو هارين جو حق نه هوندي، پر اها سنڌ جي مستقبل لاءِ هڪ وڏو سوال هوندو ڇاڪاڻ ته زرعي معيشت ڪانسواءِ سنڌ جو تصور ئي اڌورو آهي.

اسان کي ان حقيقت کي به نه وسارڻ گهرجي ته سارين جي فصل جو بحران رڳو هارين تائين محدود ناهي. جيڪڏهن هارين کي مناسب اگهه نه ملندو ته هو ايندڙ سال ساري پوکڻ ۾ دلچسپي نه وٺندو، جنهن جو نتيجو اناج جي کوٽ جي صورت ۾ نڪرندو. جڏهن اناج جي کوٽ ٿيندي ته شهرن ۾ خوراڪ جي قيمتن ۾ واڌ ايندي، جيڪا سڌي ريت هر شهري کي متاثر ڪندي. ان جو مطلب آهي ته هارين کي اگهه ڏيڻ رڳو سندن حق جو سوال ناهي، پر اها پوري سماج جي بقا جو سوال آهي. سرڪار کي فوري طور تي هارين لاءِ ساريءَ جو سپورٽ پرائيس مقرر ڪرڻ گهرجي، ۽ ان تي سختيءَ سان عمل ڪرائڻ گهرجي. منڊيءَ ۾ واپارين جي اجاره داري ختم ڪرڻ لاءِ موثر قدم کڻڻ گهرجن. هارين کي قرضن جي بدحاليءَ مان ڪڍڻ لاءِ بغير سود وارا قرض ۽ سبسڊي فراهم ڪرڻ گهرجي. گڏوگڏ هارين لاءِ سڌي سنئين مارڪيٽ تائين رسائيءَ جو انتظام ڪرڻ گهرجي، جيئن هو پنهنجي پيداوار سڌو صارف تائين پهچائي سگهي، ۽ وچولي واپارين کان آزاد ٿي سگهي.

حڪومت کي هارين لاءِ اهڙا پاليسي قدم کڻڻا پوندا، جيڪي عملي طور تي سندن زندگيءَ ۾ بهتري آڻين. جيڪڏهن اڄ هارين کي سندن حق نه مليو ته ايندڙ نسلن کي نه رڳو بک ۽ بدامنيءَ جو منهن ڏسڻو پوندو، پر اسان جي ڌرتيءَ جو زرعي سون به هٿن مان نڪري ويندو. سنڌ جو هاري اڄ به پنهنجي پٽ ۾ ٻج وجهندي اها اميد رکي ٿو ته سندس محنت جو ملهه ضرور ملندو. سندس اکين ۾ اهو خواب اڄ به زنده آهي ته هن ڌرتيءَ تي انصاف ٿيندو، سندس ٻار بک کان بچندا، ۽ سندس ڌرتيءَ مان پيدا ٿيل اناج انصاف سان ورهايو ويندو.

# سيد زين شاهه هڪ ڪاهوڙي ڪردار

**غلام حسين جوڻو**

سنڌ، املهه موتين ۽ هيرن جي کاڻ آهي. جتي ڪيترين ئي سياسي، سماجي، علم دوست ۽ جاڪوڙي شخصيتون پيدا ٿيون آهن. جن مان سيد زين العابدين شاهه المعروف زين شاهه به هڪ آهي. جيڪو سائين جي ايم سيد جي خاندان جو چشم و چراغ آهي. سندس والد بزرگوار جو نالو سيد امداد محمد شاهه آهي. جيڪو به سنو برک سياستدان، مفڪر ۽ سماج سڌارڪ هو. عوام جي خدمت ترجيحي بنيادن تي ڪندو هو. بلڪل اهڙي طرح سيد زين شاهه به پنهنجي والد صاحب جو ڏسيل گس ورتو آهي ۽ ان جي نقش قدم تي هلي پيو.

پاڻ 5 آڪٽومبر 1966ع تي ڪراچي ۾ پيدا ٿيو. هن وقت ڳوٺ مجيد ڪيريو لڳ سڪرنڊ ۾ رهائش اختيار ڪئي اٿس. اتي به پاڻ عوام جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهي ٿو. عوام جي خدمت ۾ يقين رکي ٿو. پاڻ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر جي عهدي تي ڪم ڪري پيو. سياسي لحاظ کان ان پارٽي جي پليٽ فارم تان ڪم ڪري رهيو آهي. ۽ ڏاڍو سرگرم ۽ ڪاهوڙي شخص آهي. پاڻ ڪنهن به تعارف جو محتاج ڪونه آهي. ڪيس سڄي سنڌ جا ماڻهو سڃاڻين ٿا.

جڏهن به سنڌ ۾ سنڌ واسين تي ڪو ڏکيو ڏينهن اچي ويندو آهي ته پاڻ عوام سان گڏجي ميدان تي نڪري پوي ٿو. اهڙا سندس ڪوڙ ڪارناما آهن. جن کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي. انهن کي تاريخ ۾ سنهري لفظن ۾ لکيو ويندو. جڏهن بحريه کي لڏرايو پئي ويو. قبرستان ميسارايا پئي ويا. تاريخي ماڳ ۽ مڪان ڊاٿا پئي ويا. تڏهن سنڌ جا هڏ ڏوڪي، ساڃاهه وند ۽ سموريون قومپرست ڌريون گڏجي پيون هيون. سنڌ مان لکين ماڻهو بحريه ٽائون لڳ ڪراچي جي آڏو جمع ٿي احتجاج ڪرڻ لڳا. ان وقت حڪومت جيڪو ڪردار ادا ڪيو. سو ڪنهن کان لڪل ڪونه آهي. ان تي ڪنهن ٻئي دفعي لکندس. هن احتجاج ۾ ٻين قومپرست ڌرين سان سيد زين شاهه به دوش بدوش ٿي. ڪلهو ڪلهي سان ملائي شرڪت ڪئي. انهن قومپرستن جي خلاف سنڌ حڪومت هر هڪ تي ٽيهارو ڪن ڪيس داخل ڪرايا. پهريائين ته انهن عدالتن مان ضمانتون ڪرايون. پر سيد زين شاهه جو چوڻ هو ته. اسان ڪوبه نقصان ڪونه ڪيو آهي. اسان پرامن احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيڪو هر هڪ ماڻهو جو جمهوري حق آهي. پر انتظاميه احتجاج جو رخ وڳوڙ جي طرف ڪٽي ويئي. اسان بي قصور آهيون. جنهن ڪري آئون گرفتاري پيش ٿو ڪريان ۽ جيل ۾ ويهي پنهنجو ڪيس وڙهندس ۽ پاڻ کي بيڏوهي ثابت ڪندس. حالانڪ سندس ان فيصلي تي ڪيترن ئي ماڻهن ڪيس روڪيو ته گرفتاري پيش نه ڪريو. پر هن دلير ۽ بهادر اڳواڻ گرفتاري پيش ڪئي. ڪيس سينٽرل جيل ڪراچي ۾ قيد ڪيو ويو. تڏهن به سندس حوصلا بلند هئا. وڏي همت ۽ جرئت سان قيد جا ڏينهن گذاريا. ڪورٽن ۾ سندس ڪيس هلندا رهيا نيٺ ڪيس ڪيسن ۾ بي قصور ۽ بيڏوهي قرار ڏيئي باعزتائون جي آڙ ۾. سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪيا پئي ويا. ڳوٺاڻن آزاد ڪيو ويو. اهو سندس وڏو ڪارنامو هو ته پاڻ وڃي گرفتاري پيش ڪئي جڏهن ته جج صاحب ڪيس ضمانت جو مدو وڌائي ضمانت ڏيئي رهيو هو. پر پاڻ انڪار ڪيائين ۽ گرفتاري پيش ڪيائين. ان مان ثابت آهي ته پاڻ هڪ دلير اڳواڻ آهي. جنهن جيل جي تڪليفن، ايذائن ۽ عصوبتن جي ڪابه پرواهه ڪونه ڪئي نه همت هاري ۽ پنهنجي فيصلي تي اٽل رهيو. اها ڳالهه سنڌ واسي وساري نه ٿا سگهن. جڏهن ته پاڻ جيل مان آزاد ٿيو ته هزارين ماڻهن سندس ڀرپور ۽ گرمجوشي سان استقبال ڪيو. اهو استقبال فقيد المثال آهي.

جڏهن نواب ولي محمد لغاري جي پرسان، پيڊن ۽ زردارين جي وچ ۾ زمين جو تڪرار شروع ٿيو هو. زرداري اقتداري ڌر هئا. طاقتور هئا. حڪومت جا سڀ وسيلا ۽ اختيار انهن جي هٿن ۾ هئا. انهن کي ڪير به چوڻ وارو ڪونه هو. هو طاقتور ۽ زوراور هئڻ ڪري پيڊن جا ڪجهه مڙس ماري وڌائون. ان ۾ هڪ پوليس اهلڪار به مارجي ويو هو. پيڊن جي ڪير به واهر ڪرڻ وارو ۽ مددگار موجود ڪونه هو. اهي مدد لاءِ واجهائي رهيا هئا. ان وقت سيد زين العابدين شاهه عرف زين شاهه سرجو سانگو لاهي. پيڊن جو مددگار ٿيو ۽ لاش روڊ تي رکي. نواب ولي محمد وٽ نيشنل هاءِ وي بند ڪري ويهي رهيو. هن ڌرڻي ۾ هزارين عورتون ۽ مرد به شامل هئا. ڌرڻي جو منظر انتهائي جذباتي هو. ضلع انتظاميا رابطو ڪيو ته احتجاج ختم ڪيو وڃي. چونڊيل نمائندن به پنهنجي ليول تي ڪوششون ڪيون. پر ورندي ملي ته پيڊن جي زمين تان قبضو ختم ڪريو ۽ زمين جا ڪاتا مالڪن کي ڏيو. تڏهن هتان اٿنداسون ۽ لاش دفن ڪنداسون. بي حالت ۾ هتان واپس وڃڻ ناممڪن آهي. حالتون ايتريون ته خراب ٿي چڪيون هيون جو جناب آصف علي زرداري خود نوابشاهه پهچي چڪو هو ته جيئن معاملو حل ٿي سگهي ڊپٽي ڪمشنر ۽ ٻئي ضلع انتظاميه پريشان ٿي ويئي هئي. هن ڌرڻي ۾ ٻين قومپرست اڳواڻن به شرڪت ڪرڻ لاءِ اچڻ شروع ڪيو. ڊاڪٽر قادر مگسي، راشد محمود سومرو، رياض چانڊيو، حليم عادل شيخ، اسدالله ڪهڙو، ام رباب چانڊيو، سنڌو نواز گهانگهرو ۽ سنڌ جون ٻيون ڪيتريون ئي اهم شخصيتون پهچي چڪيون هيون. واڳ ڏٽي وائيٽ جو شڪار ٿي ويا. جيئن وقت گذرندو پئي ويو. تيئن ئي سنڌ مان ماڻهو ايندا رهيا ۽ انهن جو تعداد وڌندو رهيو. روڊن تي سوين گاڏيون بيهي ويون. غير يقيني ماحول پيدا ٿي پيو هو. جيترا هئا وات اوتريون ئي ڳالهيون ٿي رهيون هيون. پريشاني جو عالم ڏسڻ ۾ پئي آيو. نيٺ حڪومت گوڏا کوڙيا ۽ مظاهرين جا مطالبا مڃيا ويا. تڏهن ڌرڻو ختم ٿيو ۽ ۽ لاش دفن ڪيا ويا. تنهن کان پوءِ سڀ ڪو پنهنجي گهرن ڏانهن روانو ٿي ويو. هتي اهو ذڪر ڪرڻ لازمي ٿو سمجهان ته ڪجهه وقت کان پوءِ مٽئين جا ٽايل ٻنهي ڌرين جو فيصلو به سيد زين شاهه ڪيو ۽ نبيرو ڪري ٻنهي ڌرين کي ٺاهي ڇڏيائين. اهو شرعي حڪم به آهي ته ٻن ڌرين جي وچ ۾ صلح ڪريو. واضح حڪم آهي ته "فاصلحوبين اخويڪم" ان حڪم تي به عمل ڪيو ويو. بهرحال بيان ڪيل ڌرڻو حڪومتي ماڻهن لاءِ وڏو چيلينج هو.

ٻه سال اڳ ۾ ڳوٺ ماڙي جلباڻي تعلقه سڪرنڊ ضلع شهيد بينظير آباد (جنهن جو پراڻو ۽ مشهور نالو نواب شاهه آهي) ۾ قانون نافذ ڪندڙن جي هٿان ڳوٺ ۾ اچي فائرنگ ڪري ٻه ماڻهو شهيد ڪري وڌا ۽ ڪجهه زخمي به ڪيا ويا. ان واقعي ڪان پوءِ سڄي علائقي ۾ خوف و هراس ڇانئجي ويو هو. ماڻهو ڊپ ۾ ورتل هئا. ان وقت مذڪوره شخصيت ڪراچي ۾ موجود هئي. جيئن ئي ڪيس ان واقعي جي خبر پئي ته ڳوٺ ماڙي جلباڻي ۾ هيڏو وڏو هاڃو ٿيو آهي. بيڏوهي ماڻهو گولين جو کاڄ بنجي چڪا آهن. جنهن ڪري شهيدن جون عورتون بيواهه ۽ ٻار يتيم ٿي ويا آهن. سيد زين شاهه کي اها معلومات ملڻ سان ترت ئي ڪراچي کي ڇڏي سڌو مقتولن جي وارثن وٽ پهتو. جيڪي اڳ ۾ ئي لاش رکي روڊ بند ڪري ڌرڻو هنيو ويٺا هئا. پوليس قاتلن تي ايف آءِ آر ڪٽڻ کان لنوائي. نتائي ۽ لهرائي رهي هئي. پاڻ به ان ڌرڻي ۾ ويهي رهيو. جڏهن انتظاميه ڳالهيون ڪري مسئلو حل ڪرڻ جو وچن ۽ واعدو ڪيو تڏهن اهو ڌرڻو ختم ڪيو ويو. ۽ لاش دفن ڪيا ويا. پوءِ اهو قصو هلندو رهيو. شاهه صاحب جي جدوجهد جاري رهي ته جيئن وارثن کي انصاف ملي سگهي. جنهن نيٺ دنگ ڪيو ۽ وارثن کي حڪومت کان معاوضو وٺي ڏنو. حڪومت جي وزيرن ۽ مشيرن ماڙي جلباڻي ۾ پهچي مقتولن سان عذرخواهي ڪئي ۽ معافي پڻ ورتي.

ڪجهه وقت اڳ ۾ ته. سيد زين شاهه صاحب راڄوٽا فيصلا ڪري امن و امان بحال ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪندو هو. پر هن وقت فيصلن کي گهٽ وقت ڏيئي رهيو آهي. ان جو سبب اهو آهي ته. سندس مصروفيتون ۽ سياسي سرگرميون وڌي ويون آهن. آئون، هن مضمون جي ذريعي ڪيس مؤدبانه عرض ڪندس ته. ماڻهن جون ناراضگيون دور ڪرڻ لاءِ ۽ جهيڙا ختم ڪرائڻ لاءِ فيصلن تي به ڪجهه وقت صرف ڪري ته جيئن سنڌ واسين جا باهمي اختلاف ختم ٿي سگهن. ۽ هو هڪ پليٽ فارم تي متحد ۽ متفق رهن. هتي اها ڳالهه واضح ڪندو هلان ته. سنڌ جي خلاف ٿيندڙ هر سازش جي خلاف سيد زين شاهه جي اڳواڻي ۾ سکر کان ڪراچي تائين پيادل لانگ مارچ ڪيو ويو هو. جيڪو هڪ وڏو باب آهي. ان کان علاوه جڏهن وفاق زبردستي سنڌو دريا تي ڇهه نوان ڪئنال ٺاهڻ گهريا پئي تڏهن به سيد زين شاهه سربڪف ٿي ميدان تي نڪري پيو هو ۽ جيستائين اهو فيصلو واپس نه ورتو ويو تيستائين پاڻ چين سان ڪونه ستو. روڊن ۽ رستن تي هو.

*****

# وڌندڙ غربت ۽ غير مستحڪم معاشي ۽ زرعي پاليسيون

**منظور ڪوسو**

عالمي بئنڪ جي هڪ رپورٽ موجب وطن عزيز ۾ 44.7في سيڪڙو آبادي غربت جي لڪير کان هيٺين سطح واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي عالمي معيار موجب 4.20ڊالر ڏهاڙي ڪمائڻ واري ماڻهو کي غريب ترين شمار ڪيو ويندو آهي، جنهن کي چون ٿا غربت جي لڪير کان به هيٺين سطح!! پاڪستاني روپئي جو ملهه مستحڪم نه ڪين آهي ڊالر جي مقابلي ۾ ان جو قدر گهٽ وڌ ٿيندو رهي ٿو پوءِ به هي ستون لکڻ تائين اها رقم پاڪستاني روپين ۾ اٽڪل 1181.25 روپيا ٿيندي اسان وٽ حال هي آهي ته پورهيت طبقو ڪڏهن ڪمائي ٿو ته ڪڏهن ويچارو بيروزگار آهي هن سٽ جهڙو حال اٿس "اٺين ۽ چارهين ڏٺ ڏهاڙي سومرا" حڪومت هر سال ساليانى بجيٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ اجوري جي رقم ته مقرر ڪندي آهي جيئن هن ڀيري وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه 37 هزارن مان وڌائي 42هزار مقرر ڪرڻ جو اعلان ڪيو پر خانگي ادارن ۾ انهن سرڪاري اعلانن تي عمل ڪونه پيو ٿئي ۽ اهي اعلان هر سال اعلان ئي رهجي ويندا آهن مفلسيءَ ماڻهن جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي ڪلائيمٽ چينج جو قهر ڪڏهن برساتون ته ڪڏهن سيلاب ۽ انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪنهن اڳوات بندوبست جو نه هئڻ به هڪ آفت بڻجي ڪڙڪي ٿو

غيرمستحڪم معاشي ۽ سياسي پاليسيون، قومي خزاني ۾ بي انتها ڪرپشن، حڪومت جي وزيرن مشيرن ۽ بيوروڪريسي جا شاهي خرچ تنهن کان سواءِ اختيارن جو ناجائز استعمال، روزگار جا نوان موقعا پيدا نه ٿيڻ، نوجوانن وٽ مارڪيٽ جي گهرجن پٽاندڙ فن ۽ تعليم جو نه هجڻ، رشوت ۽ سفارش ڪلچر انهن سڀني شين جي هوندي نه ملڪ ترقي ڪندو ۽ نه ئي مهانگائي ۽ بيروزگاري جهڙن مصيبتن سان منهن ڏئي سگهبو افرادي قوت ۾ هن وقت ڏسجي ته پاڪستان خطي جو قابل رشڪ ملڪ آهي جنهن جي 64في سيڪڙو آبادي 30 سالن کان گهٽ عمر وارن نوجوانن تي ٻڌل آهي پر الميو هي آهي ته نوجوان روزگار لاءِ پريشان آهن انهن جون صلاحيتون ۽ عمريون ضايع ٿي رهيون آهن ۽ انهن کي روزگار سان لڳائڻ لاءِ سرڪار وٽ ڪا واضح پاليسي ڪونه آهي فرد کي اٿولٽو، اجهو، امن، انصاف، تعليم، صحت ۽ روزگار جهڙا بنيادي حق بنا ڪنهن مت ڀيد جي فراهم ڪرڻ حڪومت تي واجب آهي پر جڏهن سياسي پارٽين جي منشور ۽ حڪومتن جي طرف نظر تا ڪريون ته ڳالهه پڌري پٽ پئي آهي سياستدانن هر دور ۾ ماڻهن کي فقط سبزباغ ڏيکاريا آهن ماڻهو بنيادي حقن کان محروم آهن يا محروم ڪيا ويا آهن

سرڪاري انگن اکرن موجب هلندڙ مهيني مهانگائي جي شرح 8.5في سيڪڙو ٻڌائي پئي وڃي جڏهن ته وزارت خزانه جو اندازو 3.5 کان 4.5 في سيڪڙو تائين هيو سرڪاري انگ اکر ته هر هفتي مهانگائي جي شرح گهٽ ٿيندي ٻڌائن ٿا پر ملڪ ۾ هن ڀيري ايندڙ ٻوڏن ۽ زراعت جي تباهي ڪانپوءِ ڪجهه به سستو ٿيندي نظر نه ٿو اچي اندازو آهي ته مهانگائي اڃان وڌندي ايئن سمجهو ته وڌي چڪي آهي ڪڻڪ سميت سڀئي ضرورت جون شيون ۽ تيل مهانگو ٿيندو پيو وڃي ۽ اٽو چونه مهانگو ٿيندو سرڪار فوڊ ڊپارٽمينٽ کي رزق ونڊڻ ورهائڻ جو ڪم سونپي ڇڏيو آهي ۽ ڪاتو ڇاته ذميواري نڀائي پيو ساليانو ڪروڙين روپين جي ڪڻڪ ڪوئا ڪايو وڃن!! خوراڪ کاتي جا آفيسر ۽ اسٽاف ڪڻڪ جي ڪوئن کان به حفاظت نه ٿا ڪري سگهن هي نه فقط قومي خزاني تي بوجهه بڻيل ساليانو ڪروڙين روپيا پگهارون پيا کڻن پر ڪوئن جي نالي تي اربين روپين جي ڪڻڪ به کائي ٿا وڃن

شڪارپور مان هڪ تازي خبر موجب نيب خوراڪ کاتي جي گودامن تي ڇاپو هنيو 2018 کان 2025 تائين هزارين ڪڻڪ جون ٻوريون ۽ باردانا ڪوئا کائي ويا، ڪڻڪ ته ويا ڪوئا کائي هاٿي ماڻهو ويچارا ڇا ڪائيندا؟ هن کان اڳ به سنڌ ۾ خوراڪ کاتي اربين روپين جي ڪڻڪ ڪوئن ۽ ڪانون کان ڪارائي پنهنجا پيٽ ڀريا آهن اڃان سنڌ جي وڏي وزير جي خوراڪ بابت معاون عبدالجبار جو چوڻ آهي ته اٽو مهانگو ٿي سگهي ٿو پر بحران پيدا نه ٿو ٿي سگهي ڇو ته سرڪاري گدامن ۾ ٽيهه لک ڪڻڪ جون ٻوريون موجود آهن خوراڪ کاتي جي معاون کي آفيس مان ٻاهر نڪري گدامن جو چڪر به لڳائڻ کپي ڏسي ته ٽيهه لک ٻورين مان باقي ڇا بچيو آهي؟

سرڪاري انگن اکرن کان قطع نظر زميني حقيقتن تي نظر ڪنداسين ته فقط انگ اکر ئي نظر ايندا انهن انگن اکرن جو ڪٿي به حقيقت سان ڪو واسطو وڙو نظر نه ايندو نه ئي ڪٿي به ماڻهن جي زندگي تي ڪو مثبت اثر نظر ايندو حڪومت جي منظور نظر اقتصادي ۽ معاشي ماهرن جي افلاطوني ڪانپوءِ ته اسان جي پاڙيسري ماسي به سياڻي چئي "ابا ڇاجي سستائي ڇاجي مهانگائي پئسو ليپي ئي ڪونه ڇورا بيروزگار آئي لپ ڪاڻ پريشان، بيمار ٿيون ته سرڪاري اسپتالن ۾ ڪو دوا درمل جو آسرو ڪونه غريب پلي سرڪاري اسپتال جي بدبودار وارڊن ۽ بسترن تي ڇڙهي ڇڙهي مري يا گهر اچي ته پاڻ سان گڏ اسپتال کان به چار وچڙندڙ بيماريون پيون به ڪنيون اچي پئسو هٿ ۾ هجي ته ڪا خبر پوي ته ملڪ سستو ٿيو آهي يا مهانگو" سو اصل ڳالهه پئسي ۽ قوت خريد جي آهي جيڪا ماڻهن وٽ ڪين آهي اهي عنصر جيڪي ملي ڪري غربت پيدا ڪرڻ جا سبب بڻجن ٿا سرڪار کي انهن تي غور ڪرڻ گهرجي جيسين اهي شيون ختم نه ٿينديون نه غربت ختم ٿيندي نه ئي ماڻهو سک جو ساهه کڻي سگهندا

بقايا 25

ٽربيلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 80 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 80 هزار 400 ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 11 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 11 هزار 100 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 52 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 52 هزار 800 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 11 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 9 هزار ڪيوسڪ، چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 22 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ ...

سان تيار ڪيل شين ۽ دستڪاري کي قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي متعارف ڪرائڻ جا منصوبا تيار ڪيا پيا وڃن، جن سان نه رڳو عورتن لاءِ نوان روزگار جا در کلي سگهندا پر ملڪ جي معيشت کي به هٿي ملندي ان موقعي تي "وومن ايمپاورڊ پاڪستان" جي نمائندن چيو ته سندن تنظيم جو بنيادي مقصد عورتن، ٻارن ۽ ٻي سهارن ماڻهن کي بهتر زندگي ۽ برابري جا موقعا مهيا ڪرڻ آهي تنظيم سماجي ترقيءَ جي هر شعبي ۾ اڳيري ڪردار ادا ڪري رهي آهي ۽ ايس ايس ڊي پي سان گڏجي عورتن جي ترقي ۽ خودمختياريءَ لاءِ نوان منصوبا شروع ڪيا ويندا مفاهمت نامي سان ٻنهي ادارن وچ ۾ گڏيل سهڪار، هم آهنگي ۽ عملي ...

سجاتا ويندڙ شاهد شهباز نوجوانن کي صلاح ڏني آهي ته هو سوشل ميڊيا پليٽ فارمز جو صحيح ۽ اثرائتو استعمال ڪن، جيئن انهن جون وڊيوز جلدي وائرل ٿين ۽ ان ذريعي ڊالرن ۾ ڪمائي ڪري پاڪستان جي معيشت ۾ حصو وجهن شاهد شهباز ٻڌايو آهي ته اردو، سرائيڪي، سنڌي، پنجابي، پشتو، بلوچي، هندڪو ۽ ٻين مقامي ٻولين ۾ پرينڪس ۽ معلوماتي مواد ٺاهي نوجوان لکين رپيا ڪمائي سگهن ٿا ...

استادن جي عزت، مان ۽ معاشري ۾ احترام ۾ ڪنهن به طور تي ڪا کوٽ نه هجي. وزيراعظم چيو ته استادن جي فني صلاحيت ۾ واڌ ۽ انهن جي معاشي آسودگي جو خيال رکڻ حڪومت ۽ صوبائي حڪومتن جي ذميوارين ۾ شامل آهي. استادن جي فرضن جي انجام ڏيڻ ۾ معاونت سان انهن جي حقن جي حفاظت به پهرين ترجيح ۾ شامل آهي. وزيراعظم چيو ته استادن جي حقن ۽ فرضن جي تحفظ لاءِ نه رڳو قومي پر عالمي سطح تي به مجموعي ڪوشش ۽ ...

پورهئي، محنت ۽ ايمانداريءَ سان حاصل ڪيو ويو آهي." هن چيو ته پينشن جو تصور ان اصول تي ٻڌل آهي ته جيڪي ماڻهو رياست جي خدمت ڪن ٿا، انهن کي پوڙهائپ ۾ اڪيلو يا محروم نه ڇڏڻ گهرجي. جسٽس منصور علي شاهه چيو ته "پينشن کان انڪار ڪرڻ يا ان کي روڪڻ ڪنهن شخص کي سندس جائز تحفظ کان محروم ڪرڻ برابر آهي، جنهن سان هو محرومي، بي وسي ۽ ذلت ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿو. تنهنڪري پينشن جي حق جو تحفظ اهڙي نموني ٿيڻ گهرجي جو اهو مناسب ۽ قابل اعتماد هجي. هن وڌيڪ چيو ته پينشن ڏيندي عزت، احترام ۽ همدرديءَ جو عنصر لازمي طور برقرار رهڻ گهرجي، جيڪو ...

جنهن سبب حڪومت ٺهي، بلاول ماضي جا اختلاف وساري شهباز حڪومت ۾ پرڏيهي وزير بڻيو. بلاول شهيد پٽو جو ڏوهٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جو پٽ آهي. ڪراچي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي مرتضيٰ وهاب چيو جڏهن ٻوڏ آئي ته بلاول اهو نه چيو وزيراعظم آسان جي صوبي ۾ نٿو اچي، اهي پ پ سان بغض ۾ سڀ ڪجهه ڪري رهيا آهن، پنجاب حڪومت تنقيد ڪان ٻاهر نڪري ماڻهن جي مدد ڪري. هن چيو ته پنجاب حڪومت سان مناظري لاءِ تيار آهيون، اسان چاهيون ٿا ته ملڪ ۾ سياسي پارو گهٽجي، اسان رڳو سنڌ نه سڄي ملڪ جو ڪيس وڙهي رهيا آهيون، مريم نواز پنهنجي بيان سان ظاهر ڪيو ته هوءَ رڳو پنجاب ...

بابت شڪ آهي ملبي جو ڍير بڻيل غزا جي هيٺان ڪيترائي لاش دٻيل آهن. حماس 251 اسرائيلي فوجي ۽ شهري اغوا ڪيا هئا جن مان 27 اڃا سندن حراست ۾ آهن جن مان اها خبر ناهي ته ڪيترا جيئرا آهن.

بقايا 11

سربراهي ۾ ٻه رڪني بينچ اهڙو حڪم جاري ڪيو آهي. اڳوڻي صدر جي وڪيل ايڊوڪيٽ علي طاهر موجب هي ڪيس 2023 کان عدالت ۾ داخل آهي جنهن جي ٻڌڻي نه پئي ٿي، هن چيو ته 2018 کان 2023 تائين عارف علوي صدر رهيو، قانون موجب ڪيس بابت آئيلينڊ ۾ رٽائرمينٽ بعد گهر نمبر 3 اي الاٽ ٿيو بعد ۾ هائوسنگ ...

بقايا 07

لوڪيشن آن لائين سسٽم جي اپ ڊيٽ ٿيڻ سان صوبي جي مالوند پاڃين سميت شوق جا جانور ۽ پکي ڌاريندڙ ماڻهن ڪانسواءِ ڪڪڙين جا فارم رکندڙ ماڻهن کي سندن جانورن ۽ پکين کي موسمي بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا گهر جي دروازيءَ تي مهيا ٿيڻ لڳا. گوسڙو ۽ غير حاضر ملازمن جون پنهنجي آفيسن ڏانهن ڊوڙون شروع ٿي ويون. تفصيل موجب لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز جي صوبائي وزير محمد علي خان ملڪاڻي جي هدايتن تي عمل ٿيڻ ڪانپوءِ لائيو اسٽاڪ کاتي اندر چٽائي ونگن اندر عملي ڪم شروع ٿي ويو آهي. اينمل هيسبنڊري، اينمل بريڊنگ پولٽري پروڊڪشن ۽ ريسرچ ۽ ايڪسٽينشن جي صوبي جي ...

بقايا 01

پ قيادت نبيرو نہ ڪرڻ ڪري ايم پي اي ارباب لطف الله ۽ ايم پي اي ڊاڪٽر ڪتومل جيوڻ جو پاڻ ۾ سياسي ناہ تيڻ جو اثر ڪالهوڪي سياسي ريلي تي پڻ نظر آيو ۽ ڊاڪٽر ڪتومل جيوڻ ۽ ارباب لطف الله جو ڪوبہ حامي ملاڻي جي هن ريلي ۾ نظر ڪونہ آيو تہ ٻئي پاسي وري مينگهواڙ برادري جو تعداد بہ نہ هجڻ جي برابر هو تہ ٺڪر برادري جا ماڻهو بہ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا نظر اچي رهيا هئا. پ پ ايم اين اي ضلعي صدر مير منور علي ٽالپر پاران ميرپورخاص ڊويزنل صدر ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي. جنرل سيڪريٽري ۽ صوبائي وزير مير طارق ٽالپر جي منتخت ٿيڻ جي خوشي ۾ آجياڻي جي حوالي سان مٺي مان پ پ جي ايم اين اي ڊويزنل صدر ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي. سينيٽر پونجو مل ڀيل. ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي. وائيس چيئرمين ڪملا ڀيل. پ پ پ ضلع ٿرپارڪر جو اطلاعات سيڪريٽري ۽ اسپيشل اسسٽنٽ وڪيل ويرجي ڪولهي جي اڳواڻي ۾ ريلي جيئي ڀٽو جي نعرن سان ڪڍي ويئي. ريلي مٺي ملاڻي پمپ ڪان جيئن ئي نئون ڪوٽ قلعي ۽ نئون ڪوٽ پهتي تہ اتي گلن جي ورڪا ۽ جيئي ڀٽو جي نعرن سان آجيان ڪري قافلا اڳتي روانا ڪيا ويا. ريلي ۾ مينگهواڙ برادري سان تعلق رکندڙ ڪوبہ اڳواڻ توڙي پ پ ايم پي اي ۽ عهديدار نظر نہ آيا.

بقايا 02

جيلاني جماعت جي گادي نشين پير سائين امير علي شاهہ جيلاني صاحب جماعت کي روحاني خطاب ڪندي چيو اسان ۽ توهان جو رشتو صدين کان قائم آهي جيڪو منافقن جي چال بازين کان ٽٽي نٿو سگهي توهان جي محبت هر سال کان وڌندي پئي اچي اسان هر وقت هر ويلي اوهان ساڻ هي هونداسين جيڪڏهن سنڌ جي ڪنهن بي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ منهنجي مريدين منهنجي چاهيندڙن سان ڪا انصافي ٿي تي هتي مان ٿوري دير پلين ٿئي پر پهچندس ضرور منهنجو ماڻهو منهنجو مريد غريب ضرور هوندو پر هو اڪيلو ناهي وڌيڪ خطاب ڪندي چيو تي توهان پنهنجي ڳوٺ پاڙي ۾ محبتون امن عام ڪيو هر ڪنهن سان انسانيت اولين خدمت ڪندي پيش اچو پنهنجي نياڻين اولاد کي ديني دنياوي تعليم ڏياريو نماز قائم ڪيو صدارتي تقرير ڪانپوءِ جماعت جي يارهين مک خليفن جي چونڊ ڪئي وئي هنن کي جيلاني جماعت جي گادي نشين پير امير علي شاهہ جيلاني صاحن پير غلام دستگير جيلاني پير امداد شاهہ جيلاني پير غلام محي الدين جيلاني پير گل محمد شاهہ جيلاني پير فهد جيلاني پير شان شاهہ جيلاني طرفان پڳ جاور ڏنا ويا جماعت جا مک خليفن جا نالا 1 سميجا قبيلي خليفو حاجي صديق محمد سميجو مسڻ ۽ خليفو رحيم عطائي سميجو 2.سمان قبيلي لاءِ خليفو انور سمون آچڙو تر ۽ خليفو لاکو سمون 3.سومرا قبيلي لاءِ خليفو علي شير سومرو 4آريسر قبيلي لاءِ خليفو سيٺ رضا محمد آريسر 5.ڪنيار قبيلي لاءِ خليفو پنهل ڪنيار 6.گجو قبيلي لاءِ خليفو مشتاق گجو 7.راڄڙ قبيلي لاءِ خليفو علي اڪبر راڄڙ 8.بجير قبيلي لاءِ خليفو الهجايو بجير 9.نهڙي قبيلي لاءِ خليفو نعيم نهڙي 10.منگريا قبيلي لاءِ محمد سليم منگريو 11.عمراڻي حجام قبيلي لاءِ خليفو ارباب علي عمراڻي مقرر ڪيا ويا هن ڪانسواءِ هي جماعت سان وابسط هر مريد جي مسئلي ۾ سڏ سان سڏ ملائي بيهندا آخر ۾ دعا ڪئي وئي

بقايا 03

لزام لڳائيندي ٻڌايو تہ اسان جي چاچي مسمات امتياز خاتون ۽ ان جي ڌي شائستا خاتون فحاش عورتون آهن هنن وٽ غير محرم مرد گهر ايندا ويندا آهن اسان جا گهر ۽ فحاش عورت جا گهر هڪ ئي ڳوٺ ۾ گڏيل آهن ۽ وچ ۾ صرف ديوارون آهن اسان جي چاچي مسمات امتياز جي گهر ايندڙ ٻاهران غير محرم مرد اسان جي گهرن اندر پڻ جهاتيون پائيندا آهن جن کي اسان اچڻ کان منع ڪئي تہ اسان جي چاچي مسمات امتياز تنيو ۽ ان جي ڌي مسمات شائستا تنيو اسان تي مڇرجي پيا ۽ اسان جي گهر ۾ نامعلوم غير محرم مردن کي ساڻ ڪري گهڙي اسان زال مڙس کي تشدد جو نشانو بنايو ۽ ڌمڪيون ڏنيون تہ منهنجا بالا آفيسرن ۽ بااثر وڏيرن ۽ سياسي ماڻهن سان تعلقات آهن اوهان کي اهڙو سبق سيکاريندس جو ياد رکندئو ڌمڪيون ڏئي هلي وئي اڌ ڪلاڪ بعد سوپوديرو پوليس کي گهرائي منهنجي مڙس نوشاد تنيو کي گرفتار ڪرائي پاڻ ٿاڻي تي سخت تشدد ڪرايو هاڻي چئي تي تہ توهان منهنجا گراهڪ پڃايا آهن مون کي ڏهہ هزار ڏيو نہ ڏيڻ جي صورت ۾ اوهان خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائيندس متاثر ڳوٺاڻن آءِ جي سنڌي آءِ جي سکرايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو تہ ڳوٺ مان فحاش چاچي مسمات امتياز خاتون جي چال چلت جي جاچ ڪري اسان کي فحاش عورت جي ظلمن کان نجات ڏياري تحفظ ڏئي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 04

تفصيل موجب پ پ ايم پي اي عادل الطاف حسين انڙ جي پياءُ عدنان الطاف حسين انڙ پنهنجي رهائشگاهہ علي آباد باقراڻي تي سومرا. مشوري. پٽي ۽ ٻين مختلف ذاتين جي ماڻهن جا معاملا مسئلا ٻڌا ۽ سندن وچ ۾ سگاوتي تڪرار . ذريعي زمين. پلاٽن جي ڏيتي ليتي سبب پيدا ٿيل چڪتاڻ کي ختم ڪيو ويو آهي ان ڏس ۾ مظفر سومرو ۽ شهزادو سومرو ۽ ٻين جا معاملا مسئلا ٻڌا آهن ۽ پاڪ ڪتاب تي ڌرين کي ڪير ڪنڌ ڪيو ويو آهي مجموعي طور ڌرين مٿان 30 لک کان وڌيڪ رقم ڏنڊ رکي ڌرين کي پاڪ ڪتاب تي ڪير ڪنڌ ڪيو ويو آهي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي پ پ اڳواڻ عدنان الطاف حسين انڙ چيو آهي تہ مختلف علائقن واسين جي ماڻهن جا معاملا مسئلا ٻڌا آهن ۽ ڪين پاڻ ۾ پاڪر پرائي ڪير ڪنڌ ڪري ڇڏيو آهي هن وڌيڪ چيو تہ عوامي خدمت لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهيا آهيون پنهنجي تڪ جي عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ کي عبادت سمجهون ٿا ڏک سک ۾ ڏوڪري ۽ باقراڻي جي عوام کي اڪيلو نہ ڇڏيو ويندو. مظفر علي چانڊيو. سڪندر علي چنو موجود هئا.

بقايا 05

ڪرڻ لاءِ بي مثال ڪوششون ڪيون ويون. هن دور ۾ شاگردن جي تربيت ۽ ڪاميابي لاءِ نيون حڪمت عمليون اختيار ڪيون ويون ۽ تعليمي ماحول کي بهتر بڻائڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو ويو. استادن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي، سيني استادن کي سرخ سلام جيڪي نہ رڳو علم جا امين آهن. پر قوم جي جوهري سرمايي کي تراشيندڙ بہ آهن. استاد اهو شمع آهي. جيڪو پاڻ سڙي ٻين لاءِ روشني پيدا ڪري ٿو. انهن جي محنت. قرباني ۽ اخلاص کي هر لفظ ۽ هر سلام سلام پيش ڪري ٿو.

بقايا 06

خليفو جي گهر تي چڙهائي ڪري سرچ آپريشن ڪيو. پر پوليس وٽان منشيات فروش عاشي خليفو ڪسڪي ويو. باقي ان جي هڪ ملازم کي پوليس پاران گرفتار ڪرڻ جا اطلاع آهن. جنهن جو بہ پوليس نالو ظاهر ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. جڏهن تہ هن کان ڪجهہ ڏينهن اڳ بہ پوليس عاشي خليفي جي گهر تي چڙهائي ڪئي هئي. تڏهن بہ عاشي خليفو پوليس کي هٿ اچي نہ سگهيو هو. جڏهن تہ ٽنڊو پوليس ڪجهہ ڏينهن اڳ منشيات فروش سرفراز ڪونياڻي ولد رفيق ڪونياڻي بہ گرفتار ڪيو ويو هو. پر انهن مٿان اهڙا قلم ٿي نٿا لڳن جو انهن کي ڪا سخت سزا ملي سگهي. هتان جي شهرين گهر ڪئي اهي تہ منشيات فروشن ۽ انهن جي ساٿارين خلاف سخت ڪاروائي ڪري نوجوان نسل جون زندگيون بچايون وڃن.

بقايا 07

مان ڪنهن غير مقامي هنڌ تي ٽرڪن ذريعي منتقل ڪيو پيو وڃي ۽ مقامي ملاحن کي امداد کان محروم رکيو پيو وڃي. ڪينجهر ڪنزرويشن نيٽ نيٽ ورڪ جو صدر انيس هيلايو. جنرل سيڪريٽري ارشاد علي گندرو. عبدالرئوف پالاري ۽ ٻين اڳواڻن چيو تہ امدادي سامان ۾ آئيس بڪس. سائيڪلون. ٻيڙين جون مشينون. ٽف. ٺيلا. رڇ ۽ ٻيا قيمتي سازو سامان شامل هو. جيڪو مڪلي جي ويئر هائوس ۾ تالن هيٺ رکيل هو. اڳواڻن جو چوڻ آهي تہ اهو سامان زبون ٿي رهيو هو پر مقامي ملاحن کي ڪو بہ سامان فراهم نہ ڪيو ويو. ڪينجهر اڳواڻن حڪومتِ سنڌ. فشريز ڪاتي ۽ اعليٰ ادارن کان مطالبو ڪيو آهي تہ فوري طور مڪلي ويئر هائوس مان اهم امدادي سامان جي غير قانوني منتقلي ۽ چوري جو جائزو وٺي. ذميوارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ گڏوگڏ اصل امداد فوراً ڪينجهر جي ملاحن تائين پهچائي وڃي. ٻي صورت ۾ نيٽورڪ ۽ ملاحي برادري احتجاج ۽ وسيع تحريڪ جو حق محفوظ رکي ٿي. انيس هيلايو ٻڌايو: "پرويز مشرف جي دور ۾ ڪينجهر سميت پوري سنڌ جي ملاحن لاءِ امداد آئي هئي . اهو سامان مڪلي ويئر هائوس ۾ محفوظ ڪيو ويو هو. هاڻي اهو ئي سامان هڪ هفتي کان غائب ڪيو پيو وڃي. اسان اهو هر گز برداشت نہ ڪنداسين."

بقايا 08

سان مڪمل ڪئي وئي. جنهن ۾ مختلف ڳوٺن جا 36 نوجوان مرد ۽ عورتون شرڪت ڪئي. PYLIهڪ ٽي سالہ تبديلي آڻيندڙ قومي پروگرام آهي. جيڪو برٽش ڪائونسل پاڪستان جي اڳواڻي ۾ ۽ ايجوڪيشن ابوو آل فائونڊيشن جي ريچ آئوٽ ٽو آل (ROTA) پروگرام جي سهڪار سان عمل هيٺ آهي. هن پروگرام کي وزيراعظم يوٿ پروگرام. هائير ايجوڪيشن ڪميشن. واٽر ايڊ. يو اين ڊي پي. ۽ سول سوسائٽي تنظيمن جي پائيواري حاصل آهي. PYLIجو بنيادي مقصد ملڪ جي مختلف علائقن مان 90 هزار نوجوانن کي گلوبل سٽيزن شپ ايجوڪيشن. قيادت ۽ ڪلائميٽ ايڪشن بابت تربيت ڏيڻ آهي. جيئن اهي نوجوان پائيدار ترقي ۽ ماحولياتي تحفظ ۾ اڳيرا ٿي سگهن. چار ڏينهن تي مشتمل هن تربيت دوران نوجوانن کي قيادت ۽ سماجي خدمت جا اصول. ماحولياتي ذميواري. ڪميونٽي ليڊرشپ ۽ گلوبل سٽيزن شپ جا عملي سبق سيکاريا ويا. تربيت مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ. شرڪت ڪندڙ نوجوان پنهنجي علائقن ۾ يوٿ ليڊ ايڪشنز (YLAs)شروع ڪندا. جن ۾ فضلي (ڪچري) جو منظم انتظام. پاڻي جي بچت ۽ تحفظ. قابلِ تجديد توانائي جي واڌاري. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ماحولياتي آگاهي پروگرام شامل آهن. سيو دي لائوز فائونڊيشن جي نمائندن چيو تہ اسان جو مقصد نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ. انهن ۾ قيادت ۽ ماحولياتي شعور پيدا ڪرڻ آهي. جيئن هو پنهنجي ڪميونٽيز ۾ مثبت تبديلي آڻي سگهن. فائونڊيشن جو چوڻ آهي تہ PYLIذريعي تربيت حاصل ڪندڙ نوجوان مستقبل ۾ پاڪستان جي ماحولياتي استحڪام ۽ پائيدار ترقي ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪندا.

بقايا 09

۽ ڪرپشن خلاف دادو پريس ڪلب تائين مارچ. ڪچهري روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو دادو : ان موقعي تي عوامي فورم جي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ هي انهن کي نام نهاد آفيسرن لاءِ ريفرنڊم آهي هي اڳواڻي عوام جي اڳواڻي آهي دادو ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿي وئي آهي ڪورٽون آهن انصاف نہ آهي صحت آهي اسپتالون نہ آهن تعليم آهي اسڪول بند آهن سرڪار جا وانون ڪن ڪليل ٻڌي ڇڏيو هاڻي انقلاب اچي ويو آهي دادو شهر جو آهي امن نہ ٿيندو تہ گهيرو ٿيندو دادو .. احتجاج ۾ سوين عورتون شريڪ . منشيات. بدامني خلاف نعريبازي

بقايا 10

علي انور عسڪري. ڪامريڊ اصغر نوناري. عالم بروهي. مولا بخش ڦلپوٽو. مرتضيٰ گوپانگ. بابر علي سومرو. محمد صفر مغيري. احمد خان زهري. غلام شبير حيدري. گل منير ڦلپوٽو. اصغر بروهي. حسين نوناري. قاسم چنہ. محمد امين سيال. طاهر نور هيسباڻي. سرائي سوڍو سولنگي. فهد ميراڻي ۽ علي زهري سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري باڍهہ تعلقي جي حاصلات لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن مظاهرين کي خطاب ڪندي چيو تہ "رڙن اڳيان رباب وڄائيندي ورهيہ ٿيا" واري مثال جيان گذريل ستن سالن کان لڳاتار احتجاج ڪري سنڌ حڪومت توڙي مقامي چونڊيل نمائندن کي سندن ڪيل واعدا ياد ڏياري رهيا آهيون پر هو اقتدار جي نشي ۾ ڌت بڻجي شهرين جي ديرينہ مطالبي کي نظرانداز ڪري رهيا آهن. هنن چيو تہ شهر ۾ هڪ اڌ روڊ تعمير ڪرائڻ يا شهرين سان پيارن جي فوتگي تي تعزيت ڪرڻ سان شهر ترقي نہ ڪندو جيڪڏهن توهان واقعي حقيقت ۾ باڍهہ جي ترقي ۽ شهرين جي خوشحالي چاهيو ٿا تہ فوري طور باڍهہ تعلقي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري شهرين ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪيو. ڇاڪاڻ تہ باڍهہ کي تعلقي جو درجو ملڻ سان ئي شهر ترقي ڪري سگهي ٿو. وڌيڪ هنن پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري. وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهہ. پ پ ايم اين اي نظير احمد ٻگهيو ۽ ايم پي اي عادل الطاف انڙ کان مطالبو ڪندي چيو تہ باڍهہ شهر کي بنا دير تعلقي جو درجو ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 11

صرافا يونين جي صدر سميع الله سرهيو پاران مڪمل صرافا بازار بند ڪري صراف چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ سونارا وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا. ان موقعي تي صراف يونين جي صدر سميع الله سرهيو. مزدور شهري اتحاد جي صدر حاجي غلام نبي رند. بابو مهيش ڪمار لاڪاڻي سميت ٻيا شريڪ ٿيا. ان دوران اڳواڻن چيو تہ جيڪب آباد پوليس واپارين سان ڀتو معيار رکيو آهي. وڌيڪ چيو تہ شهر اندر جوا. فحاشي اڏا. ڪروڙن جي سامان جي اسمگلنگ روز جا معمول آهن پر اهڙي عمل جي خلاف ڪيس داخل نہ ٿا ٿين. هنن چيو تہ اٽڪل ويہ ڏينهن اڳ سونارو عمر ميمڻ جيڪو پنجاهہ تولن کان مٿي سون ڪٽي ڪروڙين روپين جو فراڊ ڪري فرار ٿيل آهي جنهن خلاف ڏار ڏار 3 ڪيس داخل ٿيل آهن انهي کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پوليس بيوس بڻيل آهي. جڏهن تہ هندو واپاري هريش ڪمار ڏيتي ليتي جي معاملن تان سيوهڻ ويل هو جنهن بعد سندس وارثن هريش ڪمار جي اغوا ٿيڻ جو شڪ ظاهر ڪندي سوشل ميڊيا اڳيان اهڙو اظهار ڪيو هو جنهن بعد پوليس هريش ڪمار کي هٿ ڪري ٿاڻي تي پهچايو واپاري توڙي گهرياتين کي هريش ڪمار کي ڇڏڻ جا دلاسا ڏيندي رات دير سان هريش ڪمار خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو هو ڏانهن ڏرٽي ۾ ڊي ايس پي نياز احمد فاروقي پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪندي چيو تہ ايس ايس پي جيڪب آباد محمد ڪليم ملڪ موڪل تي ويل آهن موڪل کان واپس اچڻ بعد مسئلي جو ازالو ڪنداسين. هن موقعي تي صراف بازار جو صدر سميع الله سرهيو چيو تہ جيڪڏهن ازالو نہ ڪيو ويو تہ اهڙي تحريڪ جاري رهندي.

بقايا 12

پبلڪ اسڪول ڳوٺ رب رکيو پنيرو ۾ تي گذري گڏجاڻي جي ڪاروائي شاخ جي سيڪريٽري محمد بخش مسافر هلائي گڏجاڻيءَ ۾ شاخ جي ميمبرن ڀرپور شرڪت ڪئي شريڪ ساٿين صوفي شاعر حضرت ولي محمد تراب کي پيتا پيش ڪندي سندس فن ۽ فڪر تي روشني وڌي ان موقعي سندن چوڻ هو تہ تراب وڏي پائي جو شاعر هو جنهن جو مثال سندس شاعري موجود آهي سندس شاعري جو گهڄ وقت اڳ آذان عشق جي نالي سان ڪتاب شايع ٿيو پر ان ۾ سندس شاعري مڪمل نہ اچي سگهي ۽ گهڻي تعداد ۾ اڻ ڇپيل آهي سندس شاعريءَ جو رنگ نہ صرف صوفي رنگ سان رچيل آهي بلڪ امن .محبت ۽ پيار جي پرچار جو وڏو خزانو آهي پاڻ بهترين موسيقار بہ هئا وٽس فنڪار ڳائڻ جي سکيا بہ وٺڻ ايندا هئا سندن شاعري ملڪ جي نالي وارن فنڪارن ڳائي وڏو نالو ڪمايو آهي آخر ۾ گڏيل راءِ سان ثقافت کاتي ۽ لاڳاپيل ادارن کان گهر ڪئي وئي تہ ولي محمد تراب جي شاعري سرڪاري طور تي شايع ڪرائي وڃي ۽ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ولي محمد تراب چيئر قائم ڪئي وڃي جيئن تراب سائينءَ جي فن فڪر ۽ فلسفي تي وڌيڪ تحقيق ٿي سگهي. آخر ۾ صوفي ولي محمد تراب جي شاعري ءِ مان خوبصورت اسم فنڪار غلام نبي ملاح پنهنجي خوبصورت ۽ مڌر آواز ۾ ڳائي ڀرپور داد حاصل ڪيو.

بقايا 13

اختيار ڪري وئي احمدپور جي ڳوٺ پلي ڏنو ميتلو جو رهواسي ٻن مهينن جو معصوم ٻارڙو عبدالصمد پٽ سرور ميتلو گيسٽرو وگهي خيرپور جي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو جڏهن تہ ڪيترائي مرد عورتون توڙي معصوم ٻارڙا گيسٽرو جي وبا ۾ مبتلا ٿي ويا سرڪاري اسپتالن ۾ دوائون ۽ علاج اڻلڀ ٿي ويوان ڏس ۾ گيسٽرو وگهي فوت ٿي ويل ٻارڙي جي وارثن جو چوڻ هو تہ اسپتال ۾ ڪي بہ سهولتون ناهن جنهن ڪري اسان جو ٻن مهينن جو ٻارڙو فوت ٿي ويو آهي پر تنهن باوجود بہ انتظاميا خاموش ٻڌيل آهي جڏهن تہ ڪيترائي مرد عورتون توڙي معصوم ٻارڙا هن گيسٽرو جي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ان موقعي تي هنن صحت کاتي خيرپور جي اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ جلد نوٽيس وٺي اسپتال ۾ مريضن کي

بابو غلام مصطفيٰ جوکيو جي ذاتي دلچسپي، انتهڪ ڪوشش ۽ عوامي خدمت جي جذبي سان شروع ڪرايو ويو آهي تفصيل موجب. واضح رهي تہ تازين برساتن سبب مٿيون رستو مڪمل طور تي تباهہ ٿي ويو هو. جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي يونين ڪائونسلن جي رهاڪن کي آمد و رفت ۾ انتهائي مشڪلاتن ۽ تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئي رهيو هو. مقامي ماڻهن جي شڪايتن ۽ خدشن کي سنجيدگيءَ سان وٺندي بشير احمد جوکيو پاڻ موقعي تي

ميمڻ جو چوڻ هيو تہ ڇهن مهينن دوران 11 صحافي شهيد ٿي ويا آهن افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اڄ ڏينهن تائين قاتلن کي ڪا سزا ناهي ملي اهي آزادي سان گهمي رهيا آهن پاڪستان اندر صحافي غير محفوظ آهن بہ هفتا گذرڻ باوجود شهيد صحافي ۽ اينڪر پرسن امتياز مير جي قاتلن کي گرفتار نہ ڪيو ويو آهي جڏهن تہ شهيد سينيئر اينڪر پرسن امتياز مير پاڻ قاتلن جو نالو ٻڌائي ويو آهي ۽ ايف آئي آر ۾ نالا آهن تنهن هوندي بہ پوليس ڪک ڪٽي ويٺو ناهي

ڪرائڻ بعد واپس ڳوٺ وڃي رهيا هئا سين تہ 4 چار نامعلوم نقاپوش ون فائيو موٽرسائيڪل سوار هٿيار بندن هٿيارن جي زور ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مزاحمت تي هڪ ڦورو جو نقاب لهي پيو جيڪو نويد پٽ بجار جمالي سڃاڻڻ بعد هٿيار بند تشدد ڪري موٽرسائيڪل سميت ٻيون قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا دادو : متاثر ڌر ڦر واقعي جي اين سي داخل ڪرائڻ لاءِ واهي پانڌي ٿاڻي تي وياسين تہ اسان جي نہ اين سي داخل ڪئي ۽ نہ وري جاءِ واردات

تراب وڏي پائي جو شاعر هو جنهن جو مثال سندس شاعري موجود آهي سندس شاعري جو گهڄ وقت اڳ آذان عشق جي نالي سان ڪتاب شايع ٿيو پر ان ۾ سندس شاعري مڪمل نہ اچي سگهي ۽ گهڻي تعداد ۾ اڻ ڇپيل آهي سندس شاعريءَ جو رنگ نہ صرف صوفي رنگ سان رچيل آهي بلڪ امن .محبت ۽ پيار جي پرچار جو وڏو خزانو آهي پاڻ بهترين موسيقار بہ هئا وٽس فنڪار ڳائڻ جي سکيا بہ وٺڻ ايندا هئا سندن شاعري ملڪ جي نالي وارن فنڪارن ڳائي وڏو

ڪامريڊ شگن ڪولهي اهڙو اظهار ڪيو سنڌي هاري تحريڪ پاران 8 آڪٽوبر تي حيدرآباد ۾ گل سينٽر کان پريس ڪلب تائين هارين جي وڏي احتجاجي ريلي ڪڍڻ جو اعلان ڪيو سنڌي هاري تحريڪ سنڌي هاري تحريڪ پاران 8 آڪٽوبر تي رٿيل ريلي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ مرڪزي اڳواڻن ڊاڪٽر دلدار لغاري ڪامريڊ شگن ڪولهي محبوب ننداڻي پاران ڏهون ميل موري ميرواهہ گورچاڻي ۽ ناصر موڙ تي هاري تحريڪ جي شاخن سان ميٽنگ ڪري هارين

...

دشمن پاليسين ڪارپوريٽ فارمنگ نون ڪئينالن خلاف سنڌي هاري تحريڪ پاران 8 آڪٽوبر تي گل سينٽر حيدرآباد کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب تي سخت احتجاج ڪيو ويندو اڳواڻن سنڌ جي هارين آبادگارن اديبن دانشورن شاگردن وڪيلن صحافين ۽ ٻين سنڌ دوست عوام کي ريلي ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندي شرڪت جي اپيل ڪئي

بقايا 38

پبلڪ اسڪول ڳوٺ رب رکيو پنيرو ۾ تي گذري گڏجاڻي جي ڪاروائي شاخ جي سيڪريٽري محمد بخش مسافر هلائي گڏجاڻيءَ ۾ شاخ جي ميمبرن ڀرپور شرڪت ڪئي شريڪ ساٿين صوفي شاعر حضرت ولي محمد تراب کي پيتا پيش ڪندي سندس فن ۽ فڪر تي روشني وڌي ان موقعي سندن چوڻ هو تہ

تا ان کان اڳ فيبروري مارچ ۾ پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ ڪري ڪٽڪ انب ڪيلي جي فصل کي ڪاپاري ڏڪ ڏنو ويو سنڌي هاري تحريڪ حڪمرانن جي اهڙي هاري ۽ زراعت دشمن عملن جي سخت مذمت ڪري ٿي هن زراعت ۽ هاري دشمن پاليسين ڪارپوريٽ فارمنگ نون ڪئينالن خلاف سنڌي هاري تحريڪ پاران 8 آڪٽوبر تي گل سينٽر حيدرآباد کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب تي سخت احتجاج ڪيو ويندو اڳواڻن سنڌ جي هارين آبادگارن اديبن دانشورن شاگردن وڪيلن صحافين ۽ ٻين سنڌ دوست عوام کي ريلي ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندي شرڪت جي اپيل ڪئي

بقايا 42

تي ڪوٽ غلام محمد لڳ ڏهون ميل تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر دلدار لغاري

ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب تي سخت احتجاج ڪيو ويندو اڳواڻن سنڌ جي هارين آبادگارن اديبن دانشورن شاگردن وڪيلن صحافين ۽ ٻين سنڌ دوست عوام کي ريلي ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندي شرڪت جي اپيل ڪئي

بقايا 45

بہ قسم جي پارٽي جي پروگرام جي دعوت نہ ڏني ويئي هئي جنهن ڪري پروگرام توڙي ريلي ۾ شريڪ نہ ٿيا آهيون اسان جا اختلاف هجن اهي پنهنجي جاءِ تي پر پارٽي پروگرام جي دعوت نہ ٿي ڏني وڃي تنهن ڪري شرڪت نہ ٿا ڪيون. هن چيو تہ منهنجي بابا ڊاڪٽر ڪتومل جيوڻ سان بہ ڳالهہ ٻولهہ ٿي هئي هن بہ اهو چيو تہ دعوت ناهي. هي پارٽي جو پروگرام هو جنهن ۾ هنن مناسب نہ سمجهيو ۽ دعوت نہ ڏني انڪري اسان توڙي ظاهر آهي

www.awamisoach.com
ABC Certified
جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر حاجي محمد حنيف ميمڻ
نمائندا گهرجن
سنڌ جي نالي واري اخبار
مسلسل 15 سال کان شايع ٿيندڙ
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ نمائندن جي ضرورت آهي، صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪري سگهن ٿا..
رابطي لاءِ: 03072308754

## احمدپور ۽ ڀرپاسي وارن جي علائقن ۾ گيسٽرو پکڙجي وئي، هڪ معصوم ٻارڙو فوت

ڪيترائي مرد عورتون توڙي معصوم ٻارڙا مبتلا، سرڪاري اسپتالن ۾ علاج جون سهولتون اڻلڀ

ڀرپاسي وارن جي علائقن ۾ گذريل برساتن ڪانپوءِ گيسٽرو جي بيماري وبائي صورت اختيار ڪري وئي

اسپتال ۾ ڪي بہ سهولتون ناهن جنهن ڪري اسان جو ٻن مهينن جو ٻارڙو فوت ٿي ويو آهي: وارثن جون ڳالهيون

احمدپور( رپورٽ سرفراز علي ميتلو ) احمدپور ۽ ڀرپاسي وارن جي علائقن ۾ گيسٽرو پکڙجي وئي، هڪ معصوم ٻارڙو فوت ٿي ويو. ڪيترائي مرد عورتون توڙي معصوم ٻارڙا مبتلا، سرڪاري اسپتالن ۾ علاج جون سهولتون اڻلڀ صحت کاتي جون اختياريون خاموش رپورٽ موجب احمدپور ۽ ڀرپاسي وارن جي علائقن ۾ گذريل برساتن ڪانپوءِ گيسٽرو جي بيماري وبائي صورت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

## سِگا سچل ڳوٺ شاخ پاران سماجي تنظيم جي سهڪار سان ڪئمپ لڳائي وئي

بيمارين جي ماهر ڊاڪٽرن، سان گڏ مختلف بيمارين جي اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن چڪاس ڪئي

ذيابيطس جي ٽيسٽ سان گڏ CBC ۽ ٿيليسيميا جون اسڪريننگ ٽيسٽ پڻ ڪيون ويون آهن: عملدار

محمد رفيق کهڙو، جنرل ڪائونسلر غلام سرور پٿو، حاجي مينهن چنو، علي ڏنو ٽانوري ۽ ٻيا دوست پڻ پهتا

ڪراچي (منصور چانڊيو) سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن (سِگا) سچل ڳوٺ شاخ پاران سماجي تنظيم "راستا" جي سهڪار سان مفت طبي ڪئمپ روشن تارا اسڪول سچل ڳوٺ ۾ لڳائي وئي. ڪئمپ ۾ ماهر ڊاڪٽرن 375 مريضن جو مفت طبي چڪاس ڪئي ۽ مفت مشورا ڏنا. ان موقعي تي ماهر جنرل فزيشنز پارن جي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽرن، سان گڏ مختلف بيمارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪراچي: سِگا سچل ڳوٺ شاخ پاران سماجي تنظيم جي سهڪار سان ڪئمپ لڳائي وئي آهي

### گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ماٽيلو مومل جي ماڙي ۾ ٻالڪ ادبي فورم پاران تقريب

گهوٽڪي(رپورٽر) گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ماٽيلو مومل جي ماڙي ۾ ٻالڪ ادبي فورم سنڌ پاران استادن جو عالمي ڏهاڙو گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ماٽيلو مومل جي ماڙي جو پرنسپال سيد اسرار احمد بخاري جي صدارت ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو جنهن ۾ ٻالڪ ادبي فورم سنڌ جو مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

## يونين ڪائونسل جنگشاهي ڪي يونين ڪائونسل ڪوهستان سان ملائيندڙ واحد ريلوي ٽريڪ خراب

ملائيندڙ واحد ريلوي هيٺيان گذرندڙ رستو تازين برساتن سبب انتهائي خراب حالت اختيار ڪري چڪو هو

13 ربيع الثاني تي منعقد ٿيڻ وارو آهي، ۽ اهوئي رستو زائرين ۽ عقيدتمندن جي گذرڻ جو اهم ذريعو آهي: شهري

سوشل ميڊيا تي آواز اٿارڻ بعد سائين جاويد خليفو ۽ ارشاد خليفو عبدالڪريم صورتحال جو ترت نوٽيس وٺي: ڳالهيون

جنگشاهي ( ذوالفقار علي ) يونين ڪائونسل جنگشاهي ڪي يونين ڪائونسل ڪوهستان سان ملائيندڙ واحد ريلوي هيٺيان گذرندڙ رستو تازين برساتن سبب انتهائي خراب حالت اختيار ڪري چڪو هو جنهن سبب گاڏين جي آمد و رفت مڪمل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

يونين ڪائونسل جنگشاهي ڪي يونين ڪائونسل ڪوهستان سان ملائيندڙ واحد ريلوي ٽريڪ خراب آهي

### ٺل ۾ اڍائي سال اڳ قرجي دوران قتل ٿي ويل حافظ معظم نوناري جي جوابدارن خلاف احتجاج

ٺل (رپورٽر) ٺل ۾ اڍائي سال اڳ قر جي دوران قتل ٿي ويل حافظ معظم نوناري جي جوابدارن جي گرفتاري جي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڊرٽو،سخت نعريبازي جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو،خبر موجب ٺل جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ٻڙاج پل وٽ اڍائي سال اڳ قر دوران قتل ٿي ويل حافظ معظم نوناري جي جوابدارن جي گرفتاري ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

## احمدپور لڳ ڳوٺ ڪٽي ڪلهوڙا جو رهواسي پورهيت ڪي پي ڪي ۾ حادثي ۾ فوت

نوجوان ڪي پي ڪي جي هري پور هزاره واري علائقي ۾ بس ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ فوت ٿي ويو

سڃاڻپ نديم ولد غلام جعفر ڪلهوڙو طور ڪئي وئي، واقعي بعد نوجوان جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

احمدپور (سرفراز علي ميتلو) احمدپور لڳ ڳوٺ ڪٽي ڪلهوڙا جو رهواسي پورهيت ڪي پي ڪي ۾ بس ڪلٽي ٿيڻ سبب فوت ٿي ويو. لاش اسپتال پيل وارثن کي اطلاع، پورهيت جا وارث لاش وصول ڪرڻ لاءِ ڪي پي ڪي روانا رپورٽ موجب احمدپور لڳ ڳوٺ ڪٽي ڪلهوڙا جو رهواسي مذدوري تي ويل پورهيت نوجوان ڪي پي ڪي جي هري پور هزاره واري علائقي ۾ بس ڪلٽي ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

## سوڀوديرو ٿاڻي جي حد ڳوٺ علي بخش هوت جي رهواسين پاران ٻاڦرن خلاف احتجاجي مظاهرو

مسمات منظوران، مسمات ڪشمير، وزيران خاتون، مسمات سسئي ۽ فوزيا خاتون هوت مظاهرو ڪيو

بااثر مخالف ڌر جا ماڻهو نادر جتوئي، عبدالغفور، عبدالشڪور، معشوق جتوئي ۽ ٻين سان تڪرار ٿيو آهي

ايس ايڇ او پيار علي جتوئي پنهنجي برادري جي ماڻهن خلاف ڪا بہ شڪايت ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهي: ڳالهيون

سوڀوديرو (رپورٽر) سوڀوديرو ٿاڻي جي حد ڳوٺ علي بخش هوت جي رهواسين منظورهوت، منٺار هوت، مسمات شاهل، مسمات جامل، مسمات منظوران، مسمات ڪشمير، وزيران خاتون، مسمات سسئي ۽ فوزيا خاتون هوت پنهنجي ننڍڙن ٻارن سميت قرآن پاڪ کڻي ميڊيا اڳيان دانهون ڪندي الزام لڳايو آهي تہ بااثر مخالف ڌر جا ماڻهو نادر جتوئي، عبدالغفور، عبدالشڪور، معشوق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

## ميرپورخاص ۾ آل پارٽيز ايڪشن ڪميٽي جي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، اهم معاملن تي ڳالهيون

ڊپٽي ڪنوينر واجد لغاري، جنرل سيڪريٽري مرتضیٰ ناريجو، جسقم جي نور محمد مري ۽ ٻين جي شرڪت

محمدي درواڙ اتحاد جي فقير شيوا ڪچي، تاج فائونڊيشن جي يوسف رند، عوامي ورڪر پارٽي جي علي حسن شريڪ

ديني عالمن سان ملاقاتون پڻ ڪيون وينديون، هر جمعي نماز ڪانپوءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويندو: مظاهرين

ميرپورخاص (سومارسميجو) اڄ تاريخ 5 آڪٽوبر 2025 تي آل پارٽيز ايڪشن ڪميٽي ميرپورخاص جي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي، جنهن جي صدارت ڪنوينر لالا اظهر پٺاڻ ڪئي، جڏهن تہ ڊپٽي ڪنوينر واجد لغاري، جنرل سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ميرپورخاص ۾ آل پارٽيز ايڪشن ڪميٽي جي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي آهي

### دادو اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس موبائيل هلندي ئي خراب وچ روڊ تي بيهي وئي

دادو (رپورٽر) دادو اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس موبائيل هلندي ئي خراب وچ روڊ تي بيهي وئي دادو : ويڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو تہ اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس موبائيل وچ روڊ تي خراب ٿيڻ جا منظر دادو : پوليس موبائيلون خراب هئڻ سبب گشت ڪئين ڪيون چور ۽ ڦورو بہ فرار ٿي وڃن ٿا ايس ايس پي دادو پرائيويٽ موٽرسائيڪلن /بقايا پڙهو صفحو3 نمبر 27

## باڊهہ ذڪريا ڪالوني جي رهواسي پرائمري استاد اعجاز موريو پاران احتجاجي مظاهرو

معصوم ٻچن افسر خان موريو ۽ مائرا موريو سان گڏ 12 سالن کان بند پگهارن جي بحالي لاءِ مظاهرو ڪيو

وحيد ڪانڌڙو، حڪيم جهتيال، مرتضيٰ گوپانگ، غلام شبير لوهر، طارق علي ابڙو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

روزاني گهرو خرچن ۽ بيماري جي حالت ۾ دوائون وٺڻ لاءِ بہ ڪافي پريشانين سان منهن ڏئي رهيا آهيون: حڪيم جهتيال

باڊهہ (رپورٽر)؛ باڊهہ ذڪريا ڪالوني جي رهواسي پرائمري استاد اعجاز موريو پنهنجي معصوم ٻچن افسرخان موريو ۽ مائرا موريو سان گڏ 12 سالن کان بند پگهارن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو. احتجاجي مظاهري ۾ شهر جي سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن زيب علي ساريو، ڪامريڊ اصغر نوناري، مولا بخش قلپوٽو، وحيد ڪانڌڙو، حڪيم جهتيال، مرتضيٰ گوپانگ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

## ڪوٽ غلام محمد سيٺ مافياءَ حڪمرانن جي مدد سان ڦهرين ڪڻڪ ڦٽي جا ريٽ ڪيرائي ڇڏيا

3500 روپيا في مڻ وڪامڻ واري ساري جو اڳهہ ڪيرائي 2200 روپيا في مڻ ڪيو ويو آهي: آبادگار

8 آڪٽوبر تي حيدرآباد ۾ گل سينٽر کان پريس ڪلب تائين هارين جي وڏي احتجاجي ريلي ڪڍڻ جو اعلان

آبادگارن سان وڏو ظلم آهي، حڪمرانن جي زراعت دشمن پاليسين سبب ڦهرين ڪڻڪ جي قيمت گهٽائي وئي

ڪوٽ غلام محمد (عبدالحميد ڪوسو) ڪوٽ غلام محمد سيٺ مافياءَ حڪمرانن جي مدد سان ڦهرين ڪڻڪ ڦٽي جا ريٽ ڪيرائڻ ڪانپوءِ سارين جو اڳهہ ڪيرائي ڇڏيو 3500 روپيا في مڻ وڪامڻ واري ساري جو اڳهہ ڪيرائي 2200 روپيا في مڻ ڪيو ويو آهي جنهن جو سنڌي هاري تحريڪ سخت مذمت ڪندي چيو تہ هن عمل ڪي آبادگارن ۽ هارين جو معاشي قتل سمجهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪوٽ غلام محمد ۾ سنڌي هاري تحريڪ جي اجلاس جو ڏيک

### پيپلزپارٽي ميناريٽي ونگ جي ڊويزنل جنرل سيڪريٽري راهول جيوڻ دعوت نہ هجڻ پروگرام ۾ شرڪت نہ ڪئي

مٺي (رپورٽر) پيپلزپارٽي ميناريٽي ونگ جي ڊويزنل جنرل سيڪريٽري راهول جيوڻ دعوت نہ هجڻ ڪري پارٽي جي پروگرام ۾ شرڪت نہ ڪئي آهي، رابطي ڪرڻ تي پيپلزپارٽي جي ايم پي اي ڊاڪٽر ڪتومل جيوڻ جي پٽ راهول جيوڻ چيو تہ اسان ڪي پيپلزپارٽي جي ڊويزنل صدر توڙي جنرل سيڪريٽري يا وري ضلعي صدر پاران ڪنهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

## ڪلو ڪوهر جي رهواسين پاران ٻاڦرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

اسان جون ڪاغذن واريون پڪيون زمينون ڪلو ڪوهر ۾ آهن: الهڏنو جاڪرو ۽ ابو جاڪرو

اين سي داخل ڪرائي اسان پنهنجي زمين جا ڪاغذ پڻ نوري اباد ٿاڻي تي پوليس وٽ جمع ڪرايا آهن

ٽنڊو (واحدشورو) ڪلو ڪوهر جي رهواسي الهڏنو جاڪرو ۽ ابو جاڪرو ٽنڊي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو اهي تہ اسان جون ڪاغذن واريون پڪيون زمينون ڪلو ڪوهر ۾ آهن. جن ۾ اسانجا گهر بہ لڳل اهن. پر ڪجھ وقت کان وٺي جهمپير واسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

## احمدپور لڳ ڳوٺ منگي پاپا سيال جو رهواسي پيرسن هلندڙ ڊاٽسن مان روڊ تي ڪري فوت

پنجاهہ سالن جو پيرسن واحد بخش عرف واڏل سيال ڳوٺ پرسان هلندڙ ڊاٽسن تان روڊ تي ڪري فوت ويو

پيرسن هڪ ڏينهن اڳ درگاهہ جيلاني تي يارهين شريف جي سلسلي ۾ ويل هو واپسيءَ تي حادثي جو شڪار ٿيو

احمدپور (سرفراز علي ميتلو) احمدپور لڳ ڳوٺ منگي پاپا سيال جو رهواسي پيرسن هلندڙ ڊاٽسن مان روڊ تي ڪري فوت ٿي ويو. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو رپورٽ موجب احمدپور لڳ ڳوٺ منگي پاپا سيال جو رهواسي پنجاهہ سالن جو پيرسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

## ٽنڊوآدم جي سينئر صحافي مشتاق بروهي جي والده جي انتقال تي ساجاهہ وندن پاران تعزيت

سنڌي انور پنهور ڪاشف پنهور آچر ساند ,باغي مجاهد ٿهيم شفيع محمد ۽ ٻين تعزيت ڪئي

دعا گهري الله پاڪ مشتاق بروهي جي والده مرحوما کي جنت الفردوس ۾ اعلي مقام عطاءُ ڪري آمين

ٽنڊوآدم (رپورٽر) ٽنڊوآدم جي سينئر صحافي مشتاق بروهي جي والده جي انتقال تي سندس ڳوٺ مولا بخش بروهي پهچي صحافي جانڻ سنڌي رزاق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

## صدر سنڌ سيد ايسوسيئيشن حيدرآباد ڊويزن سيد غلام شاهہ جي ڀيڻ لاڏاڻو ڪري وئي

شهرين وڏي انگ شرڪت ڪئي ٽڏو بخاري هائوس خدا جي بستي ڪوٽڙي ۾ وڃايو ويو آهي

سائين شاهہ خالدشاهہ ڏاتاري سائين منٺارعلي شاهہ ڏاتاري محمد عرس ملاح لاڪو پهچي تعزيت ڪئي

گهوڙاٻاري (شاهہ خالدڏاتاري) صدر سنڌ سيد ايسوسيئيشن حيدرآباد ڊويزن ۽ صدر جعفريہ الائنس پاڪستان ضلع ڄامشورو سيد غلام شاهہ بخاري جي ننڍي ڀيڻ جو حيدر آباد جي نجي اسپتال ۾ گذريل رات وفات ڪري وئي جنهن جي جنازي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

## يونين ڪائونسل جنگشاهي ڪي يونين ڪائونسل ڪوهستان سان ملائيندڙ واحد ريلوي ٽريڪ خراب

ملائيندڙ واحد ريلوي هيٺيان گذرندڙ رستو تازين برساتن سبب انتهائي خراب حالت اختيار ڪري چڪو هو

13 ربيع الثاني تي منعقد ٿيڻ وارو آهي، ۽ اهوئي رستو زائرين ۽ عقيدتمندن جي گذرڻ جو اهم ذريعو آهي: شهري

جنگشاهي (ذوالفقار علي) يونين ڪائونسل جنگشاهي ڪي يونين ڪائونسل ڪوهستان سان ملائيندڙ واحد ريلوي هيٺيان گذرندڙ رستي جي بحاليءَ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

يونين ڪائونسل جنگشاهي ڪي يونين ڪائونسل ڪوهستان سان ملائيندڙ واحد ريلوي ٽريڪ خراب آهي

## سوشل ميڊيا تي هلندڙ من گهڙت 2019 جي پراڻي ويڊيو جي ترديد ڪريون ٿا: ممتاز جروار/ قربان مري

سوشل ميڊيا تي هلندڙ ويڊيو پراڻي آهي ۽ ويڊيو ۾ پيسا ڏيندڙ شخص ڪاڻ واسي زميندار قربان مري آهي

آئون هڪ مسڪين شخص ۽ حيسڪو ۾ لائين مين طور پنهنجي ايمانداري سان زميوارين نڀائي رهيو آهيان

ميرپورخاص( بيوروچيف سومارسميجو ڳوٺ گل محمد سيال جي رهواسي ممتاز جروار ۽ ڪاڻ واسي قربان مري سٽي پريس ڪلب ميرپورخاص ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي سندس خلاف گذريل ڏينهن کان سوشل ميڊيا تي هلندڙ من گهڙت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ميرپورخاص: ڳوٺ گل محمد سيال جي رهواسي ممتاز جروار ۽ ڪاڻ واسي قربان مري پريس ڪانفرنس ڪندي

## پ پ ٿرپارڪر جي اڳوڻي صدر انجنيئر گيان چند تاهراڻي بہ ڪالهوڪي ريلي ۾ شرڪت نہ ڪئي

مون کي ڪيس ريلي جي دعوت هئي پر ڪنهن مجبوري سبب شرڪت نہ ڪري سگهيس: گيان چند تاهراڻي

اسان کي ميزبانن توڙي پ پ پ ٿرپارڪر جي قيادت پاران ريلي ۾ هلڻ لاءِ ڪنهن بہ نہ چيو آهي: نندلال مالهي

مٺي(رپورٽر) پ پ پ ضلع ٿرپارڪر جي اڳوڻي صدر انجنيئر گيان چند تاهراڻي بہ ڪالهوڪي ريلي ۾ شرڪت نہ ڪئي. رابطو ڪرڻ تي هن ٻڌايو تہ مون کي ڪيس ريلي جي دعوت هئي پر ڪنهن مجبوري سبب شرڪت نہ ڪري سگهيس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

## ڪراچي پريس ڪلب جي قلم ڏٿين پاران صحافي امتياز مير جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

سينئر صحافي مير امتياز جا قاتل گرفتار ڪري ڪين عبرتناڪ سزا ڏني وڃي: صدر ويسٽ پريس ڪلب عليم ميمڻ

جنرل سيڪريٽري محمدعلي وگهيو جوائنٽ سيڪريٽري نجيب احمد خاصخيلي، پريس سيڪريٽري منصور چانڊيو شريڪ

ڪراچي اولهہ(رپورٽر) پريس ڪلب جي قلم ڏٿين شهيد سينئر اينڪر پرسن صحافي امتياز مير جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو. سينئر صحافي مير امتياز جا قاتل گرفتار ڪري ڪين عبرتناڪ سزا ڏني وڃي.. صدر ويسٽ پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪراچي پريس ڪلب جي قلم ڏٿين پاران صحافي امتياز مير جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج جو ڏيک

## سامارو نجي اسپتال ۾ ڦرجي واردات پوليس لاءِ امتحان، ڪيمرائن جي ريڪارڊنگ تحويل ۾ ورتي وئي

عام ڏينهن ۾ اينڊز ليڊيز مريضن لاءِ تيمداري جو مرڪز بڻيل هوندي آهي سا هڪ خوف جي علامت بڻجي وئي

پوليس پاران اندر لڳل سي سي ٽي وي فوٽيج ۽ آسپاس جي دڪانن تي لڳل ڪيمرائن جي ريڪارڊنگ بہ حاصل ڪئي آهي

عمرڪوٽ (محمد بچل) سامارو نجي اسپتال ۾ ڦرجي واردات ۽ پوليس لاءِ ڪڙو امتحان 24 سيپٽمبر تي سامارو شهر جي مصروف علائقي ۾ قائم ٿيل هڪ پرائيويٽ سٽي ڪيئر ميٽرنٽي هوم ڪلينڪ جيڪا ايمرجنسي توڙي عام ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

## واهي پانڌي ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ رسول بخش جمالي جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

اسان پيءُ پٽ واهي پانڌي اسپتال مان علاج ڪرائڻ بعد واپس ڳوٺ وڃي رهيا هئاسين: مظاهرين

موٽرسائيڪل سوار هٿيار ٻڌندڙ هٿيارن جي زور ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مزاحمت تي ڦورو جو نقاب لهي پيو

دادو (رپورٽر) واهي پانڌي ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ رسول بخش جمالي جي رهواسين قابل ۽ سندس پٽ 12 سالا نوجوان سومر جمالي دادو پريس ڪلب پهچي سخت احتجاج ڪندي ميڊيا اڳيان دانهيون تہ اسان پيءُ پٽ واهي پانڌي اسپتال مان علاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

## ايم پي اي ڊاڪٽر ڪتومل جيوڻ ۽ راهول جيوڻ سان ٻني جي مامري تي تڪرار هلندڙ

ارباب لطف الله ۽ ايم پي اي ڊاڪٽر ڪتومل جيوڻ جو پاڻ ۾ سياسي ناهہ ٿيڻ جو اثر ظاهر ٿيڻ لڳو

مينگهواڙ برادري جو تعداد بہ نہ هجڻ جي برابر هو تہ ٺڪر برادري جا ماڻهو بہ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا نظر اچي رهيا هئا.

جيئي پٽو جي نعرن سان ريلي ۾ مينگهواڙ برادري سان تعلق رکندڙ ڪو بہ اڳواڻ توڙي پ پ ايم پي اي ۽ عهديدار نظر نہ آيا

مٺي (محمدرحيم مگريو) پ پ پ ضلع ٿرپارڪر جي چونڊيل نمائندن ايم پي اي ارباب لطف الله سان چونڊن بعد ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي جا سخت ترين سياسي اختلاف پيدا ٿيڻ بعد ٺڪر جي مينگهواڙ برادري جي وڏي اثر رسوخ رکندڙ شخصيت ايم پي اي ڊاڪٽر ڪتومل جيوڻ ۽ راهول جيوڻ سان ٻني جي مامري تي ملاڻي سان سالن کان هلندڙ تڪرار جو پ پ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

## پيران پير غوث اعظم دستگير رح جي يارهين شريف حوالي سان درگاهہ شريف ڪامارو پير تي جلسو

درگاهہ شريف ڪامارو پير نور محمد شاهہ جيلاني رح تي يارهين شريف جي جلسي جو انعقاد ڪيو ويو

اسان ۽ توهان جو رشتو صدين کان قائم آهي منافقن جي چال بازين کان ٽٽي نٿو سگهي: امير علي شاهہ

انسانيت اولين خدمت ڪندي پيش اچو پنهنجي نياڻين اولاد کي ديني دنياوي تعليم ڏياريو نماز قائم ڪيو

عمرڪوٽ (محمد بچل) پيران پير غوث اعظم دستگير رح جي يارهين شريف حوالي سان درگاهہ شريف ڪامارو پير نور محمد شاهہ جيلاني رح تي يارهين شريف جي جلسي جو انعقاد ڪيو ويو جلسي جي شروعات قرآن شريف جي تلاوت سان ڪئي وئي جنهن ڪانپوءِ سهڻي آقا آخري پيغمبر جي شان ۾ نعت شريف پڙهيا ويا جلسي جي شروعاتي تقرير پير سائين غلام دستگير ڪئي جنهن ڪانپوءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

عمرڪوٽ: پيران پير غوث اعظم دستگير رح جي يارهين شريف حوالي سان درگاهہ شريف ڪامارو پير تي جلسو منعقد آهي

### سوڀوديرو ٿاڻي جي حد ڳوٺ عالم ٿيبو جي رهواسين پاران ٻاڦرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

سوڀوديرو (رپورٽر) سوڀوديرو ٿاڻي جي حد ڳوٺ عالم ٿيبو جي رهواسين مسمات ثمينا ٿيبو پنهنجي مڙس نوشاد ۽ معصور ٻار ڪي ساڻ ڪري پريس ڪلب سوڀوديرو پهچي احتجاج ڪيوان موقعي تي مسمات ثمينا ۽ سندس نوشاد ٿيبو ميڊيا وارن ڪي دانهيندي ٻڌايو تہ اسان پاڻ ۾ زال ۽ مڙس رشتي ۾ سوٽ آهيون هنن وڏيڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

## پ پ اڳواڻ عدنان الطاف حسين انڙ جي سرپرستيءَ ۾ مختلف ذاتين جي ماڻهن جا معاملا حل ڪيا ويا

فيصلي دوران ڌرين مٿان مجموعي طور 30 لک ڏنڊ وجهي ڪين پاڪ ڪتاب تي ڪير ڪنڌ ڪري ڇڏيو

سڱاوتي تڪرار، ذريعي زمين، پلاٽن جي ڏيتي ليتي سبب پيدا ٿيل ڇڪتاڻ کي ختم ڪيو ويو آهي

رات ڪوششون ڪري رهيا آهيون پنهنجي تڪ جي عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ کي عبادت سمجهون ٿا

ڏوڪري (رپورٽر) پ پ اڳواڻ عدنان الطاف حسين انڙ جي سرپرستيءَ ۾ مختلف ذاتين جي ماڻهن جا معاملن مسئلا ٻڌي نبيرو ڪيو ويو آهي . ڌرين مٿان مجموعي طور 30 لک ڏنڊ وجهي ڪين پاڪ ڪتاب تي ڪير ڪنڌ ڪري ڇڏيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

پ پ اڳواڻ عدنان الطاف حسين انڙ جي سرپرستيءَ ۾ مختلف ذاتين جي ماڻهن جا معاملا حل ڪيا پيا وڃن

### عبدالسميع پنيرو محنت، ايمانداري ۽ فرض نڀائڻ جي هڪ روشن ڪهاڻي آهن: هنگورجا جا ساجاهہ وند

هنگورجا (رپورٽر)عبدالسميع پنيرو هڪ استاد، هڪ آفيسر، جن جي 13 مهينن جي ڪارڪردگي اوهان جي پيشِ نظر آهي. اهي 13 مهينا محنت، ايمانداري ۽ فرض نڀائڻ جي هڪ روشن ڪهاڻي آهن، جن ۾ علم جي چراغ کي وڌيڪ روشن ڪرڻ، شاگردن جي مستقبل کي سنوارڻ ۽ تدريسي عمل کي جديد تقاضائن سان هم آهنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

## مڪلي سميت پوري ضلعي ۾ منشيات جو آزار وڌڻ ڪري نوجوان نسل تباهي طرف ڌڪجڻ لڳو

پوليس رڳو ڪارواين ڏيکاءُ طور ڪرڻ لڳي، پر منشيات فروشن خلاف سخت ڪاروائي ڪري ناهي سگهي

منشيات فروش سرفراز ڪونياٽي ولد رفيق ڪونياٽي بہ گرفتار ڪيو ويو هو، پر انهن مٿان اهڙا قلم ئي نٿا لڳن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي، مڪلي سميت پوري ضلعي ۾ منشيات جو آزار وڌڻ ڪري نوجوان نسل تباهي طرف ڌڪجڻ لڳو. پر پوليس خاموش تماشائي بڻجي ويئي، پوليس رڳو ڪارواين ڏيکاءُ طور ڪرڻ لڳي، پر منشيات فروشن خلاف سخت ڪاروائي ڪري ناهي سگهي، گذريل رات پڻ ڊير سان ٺٽو پوليس سي آءِ اي پوليس سان گڏ ٺٽي جي منشيات فروش عاشي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

## ڪينجهر ۾ مبينا طور امدادي سامان لڪائڻ تي ماهيگيرن جو احتجاجي مظاهرو

اربين رپين جو امدادي سامان ڪينجهر ۽ مڪلي فشريز ويئر هائوس ۾ رکيو ويو آهي: اڳواڻ

آئيس بڪس، سائيڪلون، ٻيڙين جون مشينون، ٽُف، نيلا، رڇ ۽ ٻيا قيمتي سازو سامان شامل هو

قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ گڏوگڏ اصل امداد فوراً ڪينجهر جي ملاحن تائين پهچائي وڃي: ڳالهيون

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڪينجهر: امدادي سامان لڪائڻ تي ماهيگيرن جو احتجاج ڪينجهر اڳواڻن طرفان انصاف ۽ ڪارروائي جو مطالبو ڪينجهر ڪنزرويشن نيٽورڪ جي اڳواڻن دعويٰ ڪئي آهي تہ ڪينجهر ۽ مڪلي فشريز ويئر هائوس ۾ رکيو ويو اربين رپين جو امدادي سامان، جيڪو اڳوڻي دور حڪومت دوران ملاحن لاءِ مقرر ڪيو ويو هو، جيڪو هڪ هفتي مڪلي فشريز ويئر هائوس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

## عمرڪوٽ ۾ سيو دي لائوز فائونڊيشن پاران پاڪستان يوٿ ليڊرشپ انيشيٽو منصوبي تحت ٽريننگ مڪمل

يوٿ ليڊرشپ انيشيٽو منصوبي تحت عمرڪوٽ ۾ ڇهين يوٿ ليڊرشپ ٽريننگ ڪاميابي سان مڪمل ڪئي وئي

، هائير ايجوڪيشن ڪميشن، واٽرايڊ، يو اين ڊي پي، ۽ سول سوسائٽي تنظيمن جي پائيواري حاصل آهي: سماجي اڳواڻ

تربيت حاصل ڪندڙ نوجوان مستقبل ۾ پاڪستان جي ماحولياتي استحڪام ۽ پائيدار ترقي ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪندا

عمرڪوٽ (محمدبچل ) سيو دي لائوز فائونڊيشن (Save the Lives Foundation)پاران پاڪستان يوٿ ليڊرشپ انيشيٽو (PYLI)جي منصوبي تحت عمرڪوٽ ۾ ڇهين يوٿ ليڊرشپ ٽريننگ ڪاميابي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

عمرڪوٽ ۾ سيو دي لائوز فائونڊيشن پاران پاڪستان يوٿ ليڊرشپ انيشيٽو منصوبي تحت ٽريننگ مڪمل ٿي آهي

### دادو عوامي فورم جي اڳواڻن پاران پ پ پ چونڊيل نمائندن جي نااهلي ۽ ڪرپشن خلاف مظاهرو

دادو (رپورٽر) عوامي فورم جي اڳواڻن سردار عاشق زئونر، جي ايم پنهور، گلڻ پند، ضمير ڪوريجو، جبار ٻهر خادم چانڊيو غلام نبي لغاري قربان ڪوڪر جبار ٻهر اسد ملاح سعيد سومرو فاروق ملڪ انور پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلوي اسٽيشن کان هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي پيادل مارچ پ پ پ جي چونڊيل نمائندن جي نااهلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

## باڊهہ تعلقہ موومينٽ پاران شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ هلندڙ احتجاجي تحريڪ جاري

زيب علي ساريو جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي باڊهہ ميڊيا هائوس کان مظاهرو ڪيو

مولا بخش قلپوٽو، مرتضيٰ گوپانگ، بابر علي سومرو، محمد صفر مغيري، احمد خان زهري، غلام شبير شريڪ

شهرين جي خوشحالي چاهيو ٿا تہ فوري طور باڊهہ تعلقي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري شهرين ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪيو

باڊهہ (رپورٽر) باڊهہ تعلقہ موومينٽ پاران شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ هلندڙ احتجاجي تحريڪ کي جاري رکندي 323هين هفتي بہ موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي باڊهہ ميڊيا هائوس کان ٽائون هال تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ باڊهہ جي مختلف مڪتبہ فڪر سان لاڳاپيل شخصيتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

## جيڪب آباد ۾ واپارين پاران ايس ايس پي جيڪب آباد خلاف شٽر بند هڙتال ڪري ڌرڻو هنيو ويو

احتجاجي ڪيمپ قائم، پوليس واپاري هريش ڪمار خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي: مظاهرين

صرافا يونين جي صدر سميع الله سرهيو پاران مڪمل صرافا بازار بند ڪري صرافہ چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو

گهرياتين کي هريش ڪمار کي ڇڏڻ جا دلاسا ڏيندي رات دير سان هريش ڪمار خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد ۾ واپارين پاران ايس ايس پي جيڪب آباد خلاف شٽربند هڙتال ڪري ڌرڻو هنيو ويو. احتجاجي ڪيمپ قائم، پوليس واپاري هريش ڪمار خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي جنهن جي مذمت ڪيون ٿا/ واپاري. خبر موجب جيڪب آباد جي سٽي ٿاڻي تي سرڪار پاران سوناري هريش ڪمار پٽ آتو مل خلاف ڪوڙو فراڊ جو ڪيس داخل ٿيڻ خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

جيڪب آباد ۾ واپارين پاران ايس ايس پي جيڪب آباد خلاف شٽربند هڙتال ڪري ڌرڻو هنيو ويو آهي

### سنڌي ادبي سنگت شاخ سڪندرآباد پاران شاعرولي محمد تراب چيئر قائم ڪرڻ جو مطالبو

نارو (رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت شاخ سڪندرآباد شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ صوفي بزرگ ۽ شاعرولي محمد تراب چيئر قائم ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو رپورٽ موجب سنڌي ادبي سنگت شاخ سڪندرآباد جي دستوري گڏجاڻي صوفي بزرگ ۽ شاعر ولي محمد تراب جي شاعري ۽ شخصيت جي عنوان سان فردوس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12